Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد: 11 | آچر 25 ڊسمبر 2022ع بمطابق 30 جمادي الاول 1444هه | شمارو 72 | قيمت 10 روپيا

اڄ قائداعظم جي اصولن تي عملدرآمد ڪرڻ جي ضرورت آهي: وزيراعظم

قائداعظم جي جدوجهد هڪ اڪثريت جي اقليتن جي حقن ڪي صرف عددي برتري جي بنياد تي چنڻ جي نظريي خلاف هئي: شهباز شريف

محمد علي جناح پاڪ ۽ هند جي مسلمانن جي حقن جي آئيني جنگ بهترين طريقي سان وڙهي ته اڄ اسان هن وطن عزيز پاڪستان ۾ آزادي سان ساهه کڻي رهيا آهيون

قائداعظم ننڍي کنڊ جي مسلمانن کي انهن جي حقن جو نه رڳو صحيح معنيٰ ۾ ادراڪ ڪرايو، آزادي جي صورت ۾ مسلمان پنهنجي زندگين کي امن ۽ سڪون سان هڪ آزاد رياست ۾ گذاري سگهن

قائد جي پاڪستان ۾ ڪنهن کي لساني، طبقاتي، مذهبي ۽ عددي بنياد تي فوقيت حاصل نه آهي، پاڪستان جو وفاقي آئين قائداعظم جي 14 نڪتن جي صحيح معنيٰ ۾ نمائندگي ڪري ٿو

اسان کي اڄ قائداعظم جي اصولن تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي، اسان کي اندروني چڪتاڻ کي ختم ڪري سرزمين پاڪستان جي ترقي لاءِ ڏينهن رات محنت ڪرڻي آهي

اڄوڪي يوم قائد تي اهو وچن ڪريون ته اسان پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ قائد جي زندگي مان رهنمائي حاصل ڪري ان جي اصولن تي عمل ڪندا سين

اسلام آباد (بيورو چيف) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته قائداعظم جي جدوجهد هڪ اڪثريت جي اقليتن جي حقن کي صرف عددي برتري جي بنياد تي چنڻ جي نظريي خلاف هئي. موجوده دور ۾ ورهاڱو، مذهبي نفرت، فساد ۽ انتهاپسند سوچ ... قائداعظم محمد علي جناح جي دور انديشي ... ۽ ان جي ۾ قومي جي نظريي لاءِ ڏنل دليلن جي صداقت ... وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب وزيراعظم شهباز شريف ... قائداعظم محمد علي جناح ... /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف پارٽي اڳواڻن جي اجلاس جي صدارت ڪندي

آمريڪا ۾ سياري جو وڏو طوفان، برفباري، لکين ماڻهو ڦاسي پيا، سوين اڏامون معطل

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪا ۾ سياري جي منڊ جي وڏي طوفان سبب ڪيترين ئي رياستن ۾ سخت سيءُ ۽ برفباري ٿي آهي، 10 لک کان وڌيڪ آبادي بجلي کان محروم آهي ۽ سوين اڏامون معطل ڪيون ويون آهن. آمريڪي ميڊيا موجب سخت ٿڌ ۽ برفباري سبب ڪيترائي ماڻهو فوت ٿيڻ جا به اطلاع آهن. جڏهن ته جارجيا، نارٿ ڪيرولينا ۽ ڪينٽڪي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سپريم ڪورٽ پنجاب جي صورتحال جو پاڻمرادو نوٽيس وٺندي مداخلت ڪري: وفاقي سرڪار

وفاقي سرڪار سپريم ڪورٽ پنجاب جي صورتحال جو پاڻمرادو نوٽيس وٺندي مداخلت جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي: خواجا سعد رفيق / راڻا ثناءُالله

لاهور هاءِ ڪورٽ پرويزالاهي کي عبوري رليف جي نالي تي مڪمل رليف ڏئي ڇڏيو، عدالتي فيصلي ۾ نقص آهي، سپريم ڪورٽ پاڻمرادو نوٽيس وٺندي مداخلت ڪري

لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي چئلينج ڪرڻ بابت قانوني ماهرن سان مشاورت ڪري رهيا آهيون، جوڙتوڙ جي سياست اسان نه پر عمران خان شروع ڪئي

لاهور هاءِ ڪورٽ کي پرويزالاهي جا اختيار محدود ڪرڻ گهرجن ها، پرويزالاهي عبوري رليف گهريو هو، عدالتي فيصلي ۾ ڪيس عبوري رليف بدران مڪمل رليف ڏنو ويو

پرويزالاهي ۽ سندس پٽ اربين روپين جون ڍاڙيون هڻي رهيا آهن، سپريم ڪورٽ پنجاب جي صورتحال جو پاڻمرادو نوٽيس وٺندي مداخلت ڪري: راڻا ثناءُالله

الاهي وٽ نمبر پورا هجن ها ته اعتماد جو ووٽ وٺي ها وفاقي وزيرن چيو ته مهٺو ڏنو وڃي ٿو ته اسان اليڪشن کان ڀڄڻ چاهيون ٿا، اسان ڀڄڻ وارا نه آهيون

لاهور (م ڊ) وفاقي سرڪار سپريم ڪورٽ پنجاب جي صورتحال جو پاڻمرادو نوٽيس وٺندي مداخلت جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي وفاقي وزيرن خواجا سعد رفيق ۽ راڻا ثناءُالله لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته لاهور هاءِ ڪورٽ پرويزالاهي کي عبوري رليف جي نالي تي مڪمل رليف ڏئي ڇڏيو عدالتي فيصلي ۾ نقص آهي، سپريم ڪورٽ پاڻمرادو نوٽيس وٺندي مداخلت ڪري، هاءِ ڪورٽ به /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاهور: وفاقي وزير خواجا سعد رفيق ۽ راڻا ثناءُالله گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي ۾ مقرر وقتن تي به گئس اڻلڀ، شهري ڀڙڪي دور ۾ ڪاٺيون ٻارڻ تي مجبور

ڪراچي ۾ گئس بحران شديد ٿي ويو آهي ۽ شهر جي مختلف علائقن شهري گئس جي سخت کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن

ڪورنگي، فيڊرل بي ايريا، نيو ڪراچي، بلديا ٽائون، گارڊن، جونا مارڪيٽ، ريلوي ڪالوني ۽ ملير سميت مختلف علائقن ۾ گئس صفا اڻلڀ آهي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ گئس بحران شديد ٿي ويو آهي ۽ شهر جي مختلف علائقن شهري گئس جي سخت کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن. ڪراچي جي علائقي ڪورنگي، فيڊرل بي ايريا، نيو ڪراچي، بلديا ٽائون، گارڊن، جونا مارڪيٽ، ريلوي ڪالوني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اعظم سواتيءَ جو ضمانت لاءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سان رابطو

پي ٽي آءِ اڳواڻ اعظم سواتي تڪراري ٽوئيٽس واري ڪيس ۾ گرفتار آهي ۽ 21 هين ڊسمبر تي ٽرائل ڪورٽ سندس ضمانت جي درخواست رد ڪئي هئي

اعظم سواتي ٽرائل ڪورٽ مان ضمانت رد ٿيڻ تي هاڻي گرفتاري کان بعد واري ضمانت لاءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪري ورتو آهي

ڪنهن اداري کي بدنام ڪرڻ جو ڪو به ارادو نه هيو، جاچ آفيسر مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ به پراسيڪيوشن وٽ اعظم سواتي خلاف ثبوت ناهن: اعظم سواتي

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ سينيٽر اعظم سواتي گرفتاري ڪانپوءِ واري ضمانت لاءِ هاءِ ڪورٽ سان ربطو ڪري ورتو. پي ٽي آءِ اڳواڻ اعظم سواتي تڪراري ٽوئيٽس واري ڪيس ۾ گرفتار آهي ۽ 21 هين ڊسمبر تي ٽرائل ڪورٽ سندس ضمانت جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: نائي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار سان چيف ڪوآرڊينيٽر انٽرنيشنل افيئرز بيريسٽر امجد ملڪ ملاقات ڪري رهيو آهي

هڪ ڏينهن لاٿ ڪانپوءِ ملڪ ۾ وري سون جو اگهه وڌي ويو

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ هڪ ڏينهن لاٿ ڪانپوءِ اڄ وري سون جو اگهه وڌي ويو پاڪستان ۾ ڪاروباري هفتي جي آخري ڏينهن في تولي ۽ 10 گرام سون جي قيمت ۾ ترتيب وار 200 رپيا ۽ 172 رپيا واڌ ٿي اگهن ۾ واڌ جي نتيجي ۾ ڪراچي، حيدرآباد، ملتان، لاهور، پشاور، راولپنڊي، اسلام آباد ۽ ڪوئيٽا جي سونارا مارڪيٽن ۾ في تولي سون جي قيمت هڪ لک 77/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي ۾ فائرنگ جي واقعن دوران ڪينيڊا جي عورت سميت 3 ڄڻا قتل

مارجي ويل عورت ڪينيڊا کان پنهنجي مائٽ جي گهر آئي هئي جڏهن ته عورت جي ٻئي ڏينهن تي واپسي جي فلائيٽ هئي

عورت رهائشي عمارت جي سيڪنڊ فلور تي فليٽ ۾ ترسيل هئي جتي ڪجهه ماڻهو هوائي فائرنگ ڪري رهيا هئا: پاڙيسري

مقتول عورت ڪينيڊا کان پنهنجن پائرن وٽ نوابشاهه آيل هئي، گلستان جوهر اقرا ڪمپليڪس ۾ پنهنجي پيڻ جي گهر پهتي هئي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي علائقي گلستان جوهر ۾ گولي لڳڻ سبب ڪينيڊا مان آيل عورت مارجي وئي، ريسڪيو ذريعن موجب فائرنگ جو واقعو گلستان جوهر ۾ پرفيوم چوڪ ويجهو پيش آيو جتي گولي لڳڻ سبب هڪ عورت قتل ٿي وئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڳالهين جا دروازا بند ناهن ٿيا، عمران خان اچي اسان سان ڳالهيون ڪري: احسن اقبال

اڄ پاڪستان معاشي بحران مان گذري رهيو آهي ۽ بدقسمتيءَ سان دهشتگردي ٻيهر ڪر کڻڻ لڳي آهي

سال 2013ع ۾ به اسان کي ملڪ اهڙين ئي حالتن ۾ مليو هو لوڊشيڊنگ ۽ اونداهين ۾ ٻڏل هو: رٿابندي وارو وفاقي وزير

اسان جي دهشتگردي خلاف جنگ ايندڙ نسلن لاءِ آهي پاڪ فوج، پوليس ۽ سيڪيورٽي جي ٻين ادارن لازوال قربانيون ڏنيون

لاهور (م ڊ) رٿابندي واري وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته سياست ۾ ڳالهين جا دروازا ڪڏهن بند ناهن ٿيندا ۽ اسان ڪيئي دفعا چيو آهي ته عمران خان اچي اسان سان ڳالهيون ڪري. لاهور ۾ تقريب کي خطاب ڪندي احسن اقبال چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

شاهد خاقان عباسي ڪورونا وائرس جو شڪار ٿي ويو

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻو وزيراعظم ۽ مسلم ليگ ن جو اڳواڻ شاهد خاقان عباسي ڪورونا وائرس سبب لاڏاڻو ڪري ويو اڳوڻي ايم ڊي پي ايس او جي غير قانوني مقرري واري ريفرنس جي ٻڌڻي دوران شاهد خاقان عباسي جي وڪيل خواجا نويد احمد احتساب عدالت کي شاهد خاقان عباسي جي صحت بابت آگاهه ڪيو. وڪيل خواجا نويد احمد جو چوڻ آهي ته شاهد خاقان عباسي ڪورونا ۾ مبتلا ٿي ويو آهي، وڪيل درخواست ۾ چيو ته شاهد خاقان عباسي اسلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

لاهور: رٿابندي وارو وفاقي وزير احسن اقبال پريس ڪانفرنس ڪندي

حرن جي روحاني پيشوا پير صاحب پاڳاري سان سيد جلال محمود شاهه جي ملاقات

سيد صدرالدين شاهه راشدي، ڊاڪٽر صفدر عباسي، سيد زين شاهه، سردار عبدالرحيم، ايم پي اي ننڊ ڪمار گوڪلاڻي ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ پندرهن سالن کان حڪمراني ۾ زرداري ليگ پاران سنڌ کي تباهه ڪرڻ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو: ذريعا

ملاقات ۾ سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف گڏيل جدوجهد ۽ جي ڊي اي ۽ ايس يو پي ايندڙ چونڊون گڏجي وڙهڻ تي اتفاق ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) حرن جي روحاني پيشوا پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ۽ جي ڊي اي جي سربراهه پير صاحب پاڳاري سان ايس يو پي جي سربراهه سيد جلال محمود شاهه ڪنگري هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ان موقع تي سيد صدرالدين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

قبيلائي دهشتگردي خلاف مارچ، ڌارين جي يلغار سنڌ لاءِ خطرو بڻجي وئي: اياز لطيف

ڪنڌڪوٽ، جيڪب آباد ۽ گهوٽڪي ضلعا اغوا جي انڊسٽري بڻجي ويا، سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن کي سرداري ۽ جاگيرداري جو مرڪز بڻايو ويو

سنڌ ۾ ڌوهه ۽ غير قانوني پرڏيهين جي يلغار وڏو مسئلو بڻجي ويا آهن، سنڌ ۾ قبيلائي جهيڙن سبب هر سال سوين ماڻهو قتل ٿي وڃن ٿا

سنڌ جا ماڻهو ڌوهن، جهالت ۽ ڪرپشن کان نجات چاهين ٿا، سردارن ۽ وڏيرن نيائين جي تعليم جا دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن: قومي عوامي تحريڪ جو سربراهه

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) ڪنڌڪوٽ ۾ بدامني، اغوا، قبيلائي دهشتگردي، سرداري، وڏيرا شاهي ۽ ظالم جاگيرداري نظام خلاف قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي جي اڳواڻي ۾ گهنٽا گهر چوڪ کان سوين ماڻهن احتجاجي ريلي ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪنڌڪوٽ: قومي عوامي تحريڪ جو سربراهه اياز لطيف پليجو پريس ڪانفرنس ڪندي

چين ۾ ڪورونا جي نئين لهر، پاڪستان لاءِ خطرو وڌي ويو

اسلام آباد (م ڊ) چين ۾ پکڙيل ڪورونا وائرس جي نئين ويريئنٽ جي پاڪستان اچڻ جو به خطرو پيدا ٿي ويو آهي نيشنل ڪمانڊ اينڊ آپريشن سينٽر جي اختيارين جو چوڻ آهي ته چين ۾ لاڪ ڊائون کلڻ ۽ فري ٽريولنگ سبب پاڪستان ۾ ڪورونا جو نئون ويريئنٽ اچڻ جو خطرو آهي. اختيارين جو چوڻ آهي ته پاڪستان ڪورونا جي ڪنهن به نئين ويريئنٽ کي ڪنٽرول ڪرڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پنجاب اسيمبلي جو اجلاس 11 جنوري تي طلب

لاهور هاءِ ڪورٽ اسيمبلي نه ٽوڙڻ جي خاطري تي پرويزالاهي کي وڏي وزير طور بحال ڪيو هو

11 جنوري تي ئي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ پرويزالاهي کي ڊي نوٽيفاءِ ڪرڻ جي ڪيس جي ٻڌڻي آهي

اسلام آباد (م ڊ) پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر سبطين خان اسيمبلي جو اجلاس 11 جنوري تي طلب ڪري ورتو اسپيڪر اجلاس طلب ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن به /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

چمن ۾ اڻڄاتل جوابدارن جي فائرنگ، ليويز اهلڪار شهيد

فائرنگ جو واقعو چمن جي مخلص ڪالوني ۾ پيش آيو: بلوچستان پوليس

واقعي بعد موٽر سائيڪل سوار جوابدار فرار ٿي ويا، واقعي جاچ جاري آهي

چمن (م ڊ) چين ۾ اڻڄاتل جوابدرن جي فائرنگ سبب هڪ ليويز اهلڪار شهيد ٿي ويو آهي. بلوچستان پوليس موجب فائرنگ جو واقعو چمن جي مخلص ڪالوني ۾ پيش آيو جتي جوابدارن ليويز اهلڪار کي ڊيوٽي بعد گهر ويندي فائرنگ جو نشانو بڻايو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پشاور: امير جماعت اسلامي سراج الحق شعبه فهم دين طرفان منعقد ٿيل تقريب کي خطاب ڪندي

پنجاب ۾ سخت ڪوهيڙو، موٽروي جا ڪيترائي سيڪشن بند

موٽروي ايم 4 فيصل آباد کان عبدالحڪيم تائين ۽ موٽروي ايم 5 شير شاهه کان ترنڊا محمد پناهه تائين بند آهي

اسلام آباد ٽول پلازا (ڪلوميٽر 386) کان مين پشاور ٽول پلازا (ڪلوميٽر 498) تائين سخت ڪوهيڙي سبب بند

لاهور (م ڊ) پنجاب جا ميداني علائقا ٿڌ جي لپيٽ ۾ آهن موٽروي ايم 3 جڙانوالا کان درخاني تائين بند ڪيا ويا آهن، موٽروي جا ڪيترائي سيڪشن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

پيٽروليم ليوي شارٽ فال کي پورو ڪرڻ لاءِ پلان طلب

هلندڙ مالي سال دوران 300 ارب رپين جي پيٽروليم ليوي جي شارٽ فال جو خدشو آهي

آءِ ايم ايف ليوي جي مد ۾ 300 ارب جي شارٽ فال کي پورو ڪرڻ لاءِ پلان طلب ڪري ورتو

اسلام آباد (م ڊ) عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) حڪومت کان پيٽروليم ليوي تي 300 ارب رپين جي شارٽ فال کي پورو ڪرڻ لاءِ پلان طلب ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

بلديه عظميٰ ۾ بسن جي خراب حالت، خرم شير زمان پريشان

نيون بسون متعارف ڪرايون پيون وڃن پر پراڻيون بسون زنگ آلود ٿي رهيون آهن

ڪراچي جي عوام جو پئسو بيدردي سان ضايع ڪيو پيو وڃي: خرم شير زمان

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ خرم شير زمان بلديه عظميٰ جي سٽي وارڊن جي پلاٽ جو دورو ڪيو، خرم شير زمان زنگ آلود بسن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: پاڪستان تحريڪ انصاف جو اڳواڻ خرم شير زمان پريس ڪانفرنس ڪندي

اسلام آباد جي مڪاني ادارن جي چونڊن بابت درخواستن تي لکت ۾ فيصلو جاري

اليڪشن ڪميشن پاران يونين ڪائونسلن جا انگ وڌائڻ واري فيصلي کي رد ڪندي نوٽيفڪيشن ڪالعدم قرار ڏنو ويو آهي

اليڪشن ڪميشن جي نوٽيفڪيشن خلاف وفاقي حڪومت سميت سمورا درخواستگذار 27 ڊسمبر تي اليڪشن ڪميشن ۾ پيش ٿين

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ اسلام آباد ۾ مڪاني ادارن جي چونڊن بابت درخواستن تي لکت ۾ فيصلو جاري ڪري ڇڏيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سي ٽي ڊي جو پنجاب ۾ آپريشن، بندش پيل تنظيمن جا ست دهشتگرد گرفتار

آپريشن دوران 7 دهشتگردن کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان بارودي مواد، هٿيار ۽ منع ڪيل تحريري مواد هٿ ڪيو ويو

گرفتار ڪيل دهشتگرد پنجاب جي مختلف شهرن ۾ دهشتگرديءَ جي رٿابندي ڪري رهيا هئا: سي ٽي ڊي اختياريون

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد ۾ آپگهاتي ڪار بم ڌماڪي ڪانپوءِ پنجاب جي مختلف علائقن ۾ به دهشتگرديءَ جا منصوبا ناڪام بڻايا ويا، سي ٽي ڊي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

محمود خان به عمران خان کي شٽ اپ ڪال ڏئي ڇڏي: شرجيل ميمڻ

ڪي پي ۾ نه انهن کي ڪنهن نه روڪيو، اتي اسيمبلي ڇو نه ٽٽي؟ محمود خان به عمران خان کي شٽ اپ ڪال ڏئي ڇڏي آهي، عمران خان بليڪ ميلنگ ۽ ڌمڪين سان ٻيهر اقتدار ۾ اچڻ چاهي ٿو

هو ملڪ تي عمراني ڊاڪٽرائن مڙهڻ چاهي ٿو، پي ٽي آءِ ملڪ ۾ عدم استحڪام ۽ غيريقيني واري صورتحال چاهي ٿي، عمران خان نٿو چاهي ته ملڪي معيشت اڳتي وڌي

عمران خان جي خواهش آهي ته ملڪ ۾ سريلنڪا جهڙي صورتحال پيدا ٿئي پر اسان ائين ٿيڻ نه ڏينداسين، خيبر پختونخواهه ۾ امن امان جي صورتحال سنگين آهي

پي ٽي آءِ سياسي پارٽي نه نوٽنڪي ڪرڻ وارن جو ٽولو آهي، هي ماڻهو قومي اسيمبلي ۽ جي اسپيڪر جي سامهون به پيش نه ٿيا، عمران خان ملڪ جي آئين ۽ قانون کي فقط ڪاغذ جو ٽڪرو سمجهي ٿو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل ميمڻ چيو آهي ته عمران خان جو اسيمبليون ٽوڙڻ وارو اعلان رڳو اعلان ئي رهيو ۽ خيبر پختونخواهه جي وڏي وزير محمود خان به عمران خان کي شٽ اپ ڪال ڏئي ڇڏي. پنهنجي بيان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

روس ۾ بزرگن لاءِ قائم ڪيئر سينٽر ۾ باهه، 20 ڄڻا اجل جو شڪار

ڪيميروف ۾ بزرگن لاءِ اهو ڪيئر سينٽر غير قانوني طور تي قائم ڪيو ويو آهي، جنهن جي عمارت به ماڙ هئي

باهه جو واقعو رات دير سان پيش آيو، هيٽ بوائلر سبب سڄي رات ڪيئر سينٽر جون ڪاٺيون سڙنديون رهيون

واقعي جو اطلاع ملندي ئي فائر برگيڊ عملو پهچي ويو ۽ 6 زخمين کي طبي امداد لاءِ اسپتال نيو ويو: اختياريون

ماسڪو (م ڊ) روس جي شهر ڪيميروف ۾ بزرگن لاءِ قائم هڪ ڪيئر سينٽر ۾ باهه لڳڻ سبب 20 ڄڻا فوت ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا موجب ڪيميروف ۾ بزرگن لاءِ اهو ڪيئر سينٽر غير قانوني طور تي قائم ڪيو ويو آهي. جنهن جي عمارت به ماڙ هئي ۽ اهو ڪاٺين جو ٺهيل هو ميڊيا رپورٽن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته باهه جو واقعو رات دير سان پيش آيو، هيٽ بوائلر سبب سڄي رات ڪيئر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اڳوڻي گهرو وزير چوڌري نثار پنهنجي تڪ تان چونڊ مهم جي شروعات ڪري ڇڏي

جتي منهنجي سياست جو نشان آهي مون کي پنهنجي ڪارڪردگي تي ايترو ڀروسو ناهي جيترو ماڻهن جي خدمت تي ٿيو آهي: چوڌري نثار

مان هاڻ پنهنجي تڪ جي ماڻهن جي خدمت جو خواهشمند آهيان ۽ سياست جي شروعات اتان کان ڪندس جتي وڏي خدمت جو موقعو هوندو

مان پنهنجي تڪ جي عوام سان کلي ڳالهائڻ چاهيان ٿو، مان تڪ 10 تان پاڻ چونڊ وڙهندس ۽ تڪ 12 مان پنهنجو اميدوار بيهاريندس

راولپنڊي (م ڊ) اڳوڻي گهرو وزير چوڌري نثار علي خان پنهنجي تڪ تان چونڊ مهم جي شروعات ڪندي چيو آهي ته مان پنهنجي تڪ جي ماڻهن جو خواهشمند آهيان اڳوڻو گهرو وزير چونڊ مهم جي شروعات لاءِ پنهنجي تڪ پهچي ريو جتي هن چيو ته مان سياست جي شروعات اتان کان ڪري رهيو آهيان جتي منهنجي سياست جو نشان آهي مون کي پنهنجي ڪارڪردگي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

جنوري ۾ پنجاب مان پي ٽي آءِ جي حڪومت ختم ٿي ويندي: وزيراعظم کي بريفنگ

اهم اجلاس ۾ چوڌري پرويزالاهي جي لاهور هاءِ ڪورٽ مان بطور وڏي وزير جي بحالي ۽ ان کان پوءِ جي صورتحال تي غور ڪيو ويو

اجلاس ۾ پنجاب جي وڏي وزير کي گورنر طرفان اعتماد جو ووٽ وٺڻ واري آئيني حڪم نامي تي به غور ڪيو ويو

وڏو وزير هن معاملي کي جيترو به دير جو شڪار ڪندو ان سان ڪو به فرق نه پوندو ڪيس هر حالت ۾ اعتماد جو ووٽ وٺڻو ئي پوندو

لاهور (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ کين بريفنگ ڏني وئي ته ايندڙ مهيني پنجاب مان تحريڪ انصاف جي حڪومت ختم ٿي ويندي. ذريعن موجب اهم اجلاس ۾ چوڌري پرويز الاهي جي لاهور هاءِ ڪورٽ مان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سنڌ ايمپلائيز سوشل سيڪيورٽي ۾ ملوث آفيسرن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جي منظوري

چيف سيڪريٽري سنڌ جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ آفيسرن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

انهن ۾ انجنيئر محمد فاروق به شامل آهي، جنهن تي ڪاتي ڪي ڪروڙين رپين جو نقصان پهچائڻ جو الزام آهي

ميگا ڪرپشن ڪيس ۾ انجنيئر ڊپٽي انجنيئر ۽ ٻين اعليٰ آفيسرن تي ڪروڙين رپين جي ڪرپشن جو الزام آهي

ڪراچي (رپورٽر) اينٽي ڪرپشن ڪاٽو سنڌ ڊيجيٽلائيز ٿيڻ بعد ايڪشن ۾ اچي وئو ڪاروائيون تيز ڪري ڇڏيون خوراڪ محنت افرادي قوت ورڪس اينڊ سروسز سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ثقافت سياحت ڪاتي سنڌ سميت خانگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

اسلام آباد ڌماڪي جي جاچ لاءِ جي آءِ ٽي جوڙڻ جو فيصلو

اسلام آباد (ڊ) اسلام آباد جي سيڪٽر آءِ ٽين ۾ آپگهاتي ڪار بم ڌماڪي جي جاچ لاءِ جي آءِ ٽي جوڙڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ڊي آءِ جي اسلام آباد چيف ڪمشنر اسلام آباد کي خط لکي 8 رڪني جي آءِ ٽي جوڙڻ جي سفارش ڪري ڇڏي، ڊي آءِ جي پاران لکيل خط ۾ چيو ويو آهي ته جي آءِ ٽي جي قيادت ايس ايس پي سي ٽي ڊي ستي ڪندو جڏهن جاچ آفيسر حساس ادارن جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ن ليگ جي ڪارڪنن ۽ عهديدارن خلاف ناراضگي جو اظهار ڪندي هنگامي اجلاس سڏائڻ جو فيصلو

پاڪستان مسلم ليگ ن سکر ضلعي جي موجوده عهديدارن ذاتي مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ سينئر نظرياتي ڪارڪنن کي هميشه نظرانداز ڪيو آهي

سکر ضلعي ۾ تنظيم وڌيڪ مضبوط بنائڻ بدران ان جي ساک کي سخت نقصان پهچي رهيو آهي شڪايتن باوجود ڪا به ٻڌڻي عمل ۾ نه آئي آهي

جنهن سبب ن ليگ سکر جي سوين نظرياتي ڪارڪنن اجلاس سڏائي ڪري موجوده عهديداران خلاف ڀرپور تحريڪ هلائڻ جو فيصلو ڪيو آهي

سکر (رپورٽر) مسلم ليگ ن جي سينئر ڪارڪنن ۽ ضلعي عهديدارن خلاف سخت ناراضگي جو اظهار ڪندي هنگامي اجلاس سڏائڻ جو فيصلو ڪري ورتو نالو ظاهر نه ڪرڻ تي پاڪستان مسلم ليگ ن سکر ضلعي جي سينئر ڪارڪن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

نام نهاد سردارن جي ڀڄڻ جا سڀ رستا بند ٿي چڪا آهن: ام رباب چانڊيو

ماڊل ٽرائل ڪورٽ ۾ ميهڙ جي ٽيڻي قتل ڪيس ۾ ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو کي شامل ڪرڻ بابت درخواست تي ٻڌڻي ٿي، ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو پيش نه ٿيو

قاتلن جو ساٿاري ايس ايڇ او عدالت ۾ پيش نه ٿيو، جوابدار ڊر ڪيس دلي پريڪٽس جو ورجاءُ پئي ڪري پر گهڻي دير ڀڄي نه سگهندا: ام رباب

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ڏنل ٽائيم پيرڊ ۾ ڪيس نه اڪلايو ويو ته توهين عدالت ٿيندي نام نهاد سردارن جي ڀڄڻ جا سڀ رستا بند ٿي چڪا آهن

دادو (رپورٽر) ماڊل ٽرائل ڪورٽ ۾ ميهڙ جي ٽيڻي قتل ڪيس ۾ ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو کي شامل ڪرڻ بابت درخواست تي ٻڌڻي ٿي، ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو پيش نه ٿيو. سندس پاران رحيم چانڊيو پيش ٿيو، عدالت درخواست/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: سنڌ حڪومت جو ترجمان مرتضيٰ وهاب ڪرسمس جو ڪيڪ ڪاٽيندي

گذريل سال جي ڀيٽ ۾ مهانگائي جي شرح ۾ 29 سيڪڙو واڌ

اسلام آباد (م ڊ) شماريات بيورو پاران جاري ڪيل رپورٽ موجب گذريل سال جي ڀيٽ ۾ هن سال 22 ڊسمبر تائين سالياني مهانگائي جي شرح ۾ 28.76 سيڪڙو جي واڌ ٿي آهي. حساس قيمتن جي انڊيڪس واري فارمولي موجب خوراڪ ۽ ٻين شين جي قيمتن ۾ زبردست اضافي سبب، مهانگائي ۾ وڏي پيماني تي واڌ رڪارڊ ڪئي وئي، هڪ سال جي بنياد تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ٽنڊو محمد خان جي ڀلڙي شاهه ڪريم جي جاڙا واهه بس اسٽاپ تي هارين جو احتجاجي مظاهرو

بااثرن پاران زرعي زمين تي ڪيل قبضي خلاف هارين جو احتجاجي جلسو ڪري مظاهرو ڪيو ويو

شريمتي تلسي ٻجاڻي، گل مگڻهار، رستم علي مگڻهار، حاڪم علي مگڻهار ۽ ٻين ڌرڻو هنيو

بااثر شخصيت جي هٿياربندن ڪهاڙيون ڪڍي اڄي زمين کي آباد ڪرڻ تي موتمار ڌمڪيون ڏنيون: الزام

ٽنڊومحمدخان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي ڀلڙي شاهه ڪريم جي جاڙا واهه بس اسٽاپ تي زرعي زمين تي ڪيل قبضي خلاف هارين جو احتجاجي جلسو، مظاهرو، ڌرڻو، خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي ڀلڙي شاهه ڪريم جي جاڙا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٽنڊو محمد خان: ڀلڙي شاهه ڪريم جي جاڙا واهه بس اسٽاپ تي هارين پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميرپورماٿيلو ۾ بجلي صارفين جي مسئلن جي حل لاءِ کلي ڪچهري منعقد

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ميرپورماٿيلو ۾ بجلي صارفين جي مسئلن جي حل لاءِ کلي ڪچهري. 109 صارفين جي بلن جا مسئلا حل ڪيا ويا. سي او سيپڪو سعيد احمد ڏاوچ جي حڪم تي سيپڪو آفيس ميرپورماٿيلو ۾ کلي ڪچهري ڪري بجلي صارفين جا جائز مسئلا حل ڪيا ويا. ايگزيڪيوٽو انجنيئر سيپڪو ڊويزن ميرپورماٿيلو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

اليڪشن ٽربيونل عرفان ظفر لغاري خلاف لياقت جتوئي جي درخواست رد ڪري ڇڏي

اين اي 234 تي پ پ اميدوار عرفان ظفر لغاري خلاف پي ٽي آئي اميدوار جي درخواست رد

عرفان ظفر لغاري خلاف پي ٽي آئي اميدوار لياقت جتوئي جي ڏنل درخواست کي رد ڪري ڇڏي

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) حيدرآباد اليڪشن ٽربيونل اين اي 234 تي پ پ اميدوار عرفان ظفر لغاري خلاف پي ٽي آئي اميدوار لياقت جتوئي جي ڏنل درخواست رد ڪري ڇڏي. ياد رهي ته 2018 ۾ عام اليڪشن ۾ ميهڙ کي اين شاهه جي قومي تڪ تي پ پ اميدوار عرفان ظفر لغاري جي ڪاميابي کي پي ٽي آئي اميدوار لياقت علي جتوئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دڙو پرسان شان فڪر آخرت ۽ شان اولياءُ جو بين الصوبائي ديني اجتماع

علماءِ اهلسنت، مشائيخن نعت خوانن ۽ هزارين عاشقانِ رسول جي وڏي تعداد ۾ شرڪت

جاويد علي، حافظ اياز مگسي، وزير لاشاري سڪندر لاشاري ۽ ٻين پاران ديني اجتماع منعقد

دنيا اندر مسلمان وڏي اڪثريت ۾ هئڻ باوجود اسان خساري ۾ آهيون: اجتماع کي اڳواڻن جو خطاب

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو پرسان شان فڪر آخرت ۽ شان اولياءُ جو بين الصوبائي ديني اجتماع، حضرت قبلا دلبر سائين سميت مختلف علماءِ اهلسنت، مشائيخن نعت خوانن ۽ هزارين عاشقانِ رسول جي وڏي تعداد ۾ شرڪت. ملڪ قوم ۽ عالم اسلام جي خوشحالي لاءِ دعائون. دڙو پرسان موالي موري واري علائقي ۾ جماعت تحريڪ انصار المسلمين طرفان سيد شفيع محمد شاهه/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

دڙو: شان فڪر آخرت ۽ شان اولياءُ جو بين الصوبائي ديني اجتماع منعقد ٿي طرف مقرر خطاب ڪري رهيو آهي

آبپاشي کاتي ۾ رولر وڪرو ڪري ڪروڙ ڪيس داخل ڪرائيندڙ سب انجنيئر سائين سميت گرفتار

ڪوٽڙي (رپورٽر) ڪوٽڙي آبپاشي کاتي جي عملدارن ڪروڙين روپين جا بئراج جي گيٽن ۾ استعمال ٿيندڙ رولر مبينا طور ڪروڙين روپين جا وڪرو ڪري چوري جو ڪروڙ ڪيس داخل ڪرائيندڙ سب انجنيئر اسلم گاڏهي سائين سميت اينٽي ڪرپشن ٽيم هٿان گرفتار 19 جولائي 2022 تي ڪوٽڙي بئراج پرسان آبپاشي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سجاول ۾ سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين پاران استادن جون پگهارون نه ڏيڻ جي مذمت

صادق لاڪو الهجڙيو برفت رزاق چانڊيو، مير مرتضي اوٺو عباس ملاح پگهارون نه ڏيڻ جي مذمت ڪئي

سالن کان پوءِ استادن جون پرتيون ميرٽ تي ٿيون ۽ ويران اسڪول آباد ٿيڻ طرف روان روان ٿيا آهن: اڳواڻ

استاد ذهني مونجهاري ۽ پريشانيءَ جي تدريسي عمل ذهني آسودگيءَ سان جاري وساري رکي سگهن

سجاول: (ڊ ر) سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين صادق لاڪو الهجڙيو برفت رزاق چانڊيو، مير مرتضي اوٺو عباس ملاح، شرف الدين سنڌي، مير مختيار آگرو، سارنگ ملاح، آفتاب چنهه هارون سمون، علم الدين جوکيو ۽ ٻين اي بي اي ٽيسٽ پاس ٿون پرتي ڪيل استادن جون ڪيترا مهينا گذري وڃڻ باوجود نه ڏيڻ تي افسوس ۽ ڏک جو اظهار ڪندي چيو آهي ته سنڌ ۾ ڪيترن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽون ديرو ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ شديد ڪوهيڙو، روڊن تان عام ٽريفڪ غائب

ڪوهيڙي جي شدت سبب حد نظر گهٽجي وئي، عام ٽريفڪ معمول کان گهٽ نظر آئي

قائم پيٽرول پمپن تي بيهاري ڇڏيون ڪوهيڙي سبب ٿڌ ۾ پڻ تمام گهڻو اضافو ٿي ويو

ٿڌ ۾ واڌ سبب عام ماڻهن جي لنڊا بازارن تي رش لڳل آهي، ڪوهيڙو شام تائين جاري رهيو

ٺٽون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٺاڻ) ٺٽون ديرو ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ شديد ڪوهيڙو ڪري پيو. ڪوهيڙي جي شدت سبب حد نظر گهٽجي وئي، ڪوهيڙي سبب روڊن تان عام ٽريفڪ معمول کان گهٽجي وئي. ڪيترن ٽرانسپورٽرن پنهنجون گاڏيون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽون ديرو: شهر ۽ آس پاس ۾ شديد ڪوهيڙو

ڄامشورو ٿاڻي جي حد غريب آباد ڪالوني واري علائقي مان نوجوان گم

ڪوٽڙي (رپورٽر) ڄامشورو ٿاڻي جي حد غريب آباد ڪالوني واري علائقي مان نوجوان گذريل ڏينهن کان پرسرار نموني گم وارث سخت پريشان ڳولا ۾ مدد جي اپيل ڄامشورو ٿاڻي تي نوجوان جي گمشدگي جي رپورٽ داخل غريب آباد ڪالوني جو رهواسي 17 سالن جو نوجوان شعيب پٽ غلام مصطفي ٽيوٽو گذريل ڏينهن کان پرسرار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

عادلپور ٿاڻي جي حد مان ڳوٺ احمد ڪلوڙ ۾ چوري جي ڪوشش، جوابدار ۽ ڀاڳيو مارجي ويا

سرحد (رپورٽر) عادلپور پرسان ميڻهن چوري ڀاڳين ۽ چورن ۾ سرحد پرسان فائرنگ، هڪ چور ۽ هڪ ڀاڳيو مارجي ويا، ڀاڳي جي وارثن جو لاش قومي شاهراهه تي رکي ڌرڻو، پوليس منٿون ڪري روڊ کولرايو. خبر موجب عادلپور پرسان ڳوٺ احمد ڪلوڙ مان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٽرپاڪر مان ڪوئلو نڪتو هزارين ماڻهن پنهنجا اڃها ڇڏيا آهن: رهواسي

وڏين نوڪرين ۾ ڪو به حصو نٿو ملي ٻين ضلعن ۽ صوبن جا ماڻهون لڳايا پيا وڃن

حڪومت کي گهرجي ته ٿرڪول ۾ ٿرجي نوجوانن کي وڏ ۾ وڏ نوڪريون ڏنيون وڃن

مٺي (رپورٽر) ٽرپاڪر مان ڪوئلو نڪتو هزارين ماڻهن پنهنجا اڃها ڇڏيا چراگاهه ختم ٿيا، مگر ٽرپاڪر ضلعي جي ماڻهن کي وڏين نوڪرين ۾ ڪو به حصو نٿو ملي ٻين ضلعن ۽ صوبن جا ماڻهون لڳايا پيا وڃن ڪنهن کي دانهن ڏجي اسان جا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٺاروشاهه ۾ ڪلهوڙا ڪالوني واسي بيواهه عورت پاران پٽ جي گرفتاري خلاف احتجاج

بيواهه عورت عشرت سيال پريس ڪلب پهچي دانهيندي پٽ جي آزادي جو مطالبو ڪيو

رميز سيال ۽ سنڌس نديم اڄڻ کي چوري جي ڪوڙي الزام هيٺ گرفتار ڪيو ويو آهي: الزام

ٺاروشاهه (رپورٽ: راشد علي ميمڻ) ڪلهوڙا ڪالوني واسي بيواهه عورت عشرت سيال پريس ڪلب پهچي دانهيندي چيو ته ٺاروشاهه پوليس بلاجواز منهنجي 10 سالا معصوم پٽ رميز سيال ۽ سنڌس دوست نديم اڄڻ کي چوري جي ڪوڙي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٺاروشاهه: ڪلهوڙا ڪالوني واسي بيواهه عورت احتجاج ڪري رهي آهي

خيرپور جي سينئر صحافي دين محمد ڪلهوڙو جي وفات تي وارثن سان تعزيت هلندڙ

نالي واري اديب شاعر ليڪڪ براڊ ڪاسٽر مختيار ملڪ اداڪار صداڪار هاشم ڀٽي تعزيت ڪئي

پرواز نيوز نيٽ ورڪ جي سي او شيراز علي پٺاڻ، ڊائريڪٽر نيوز بشارت سهرياڻي ۽ ٻين پهچي ڏک ونڊيو

خيرپور (رپورٽر) خيرپور جي سينئر صحافي دين محمد ڪلهوڙو جي وفات تي سنڌس پٽن دين محمد ڪلهوڙو جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪنڊيارو ۾ معذور ٻارن ۽ دماغي مرض ۾ مبتلا ٻارڙن جي علاج لاءِ مفت ڪئمپ

دماغي مرض ۾ مبتلا ٻارڙن جي علاج لاءِ ٻن ڏينهن واري مفت ڪئمپ لڳائي وئي

دماغ جي ٻين مرضن ۾ مبتلا 7 سئو کان وڌيڪ مريضن جي چڪاس ڪئي وئي

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو ۾ معذور ٻارن ۽ دماغي مرض ۾ مبتلا ٻارڙن جي علاج لاءِ ٻن ڏينهن واري مفت ڪئمپ لڳائي وئي ڪئمپ آغا خان اسپتال ڪراچي پاران الابراهيم اکين جي اسپتال ۾ لڳائي وئي جنهن ۾ آغا خان اسپتال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڪراچي جي ناري پرياسٽي جي نوجوان سان پسند جي شادي ڪري ڇڏي

پنهنجي رضامندي سان عرفان سولنگي سان عدالتي پرڻو ڪيو آهي: فتيڪا قريشي

منهنجا مائٽ منهنجي شادي زبردستي پوڙهي شخص سان ڪرائڻ چاهن پيا: ڳالهيون

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ڪراچي جي ناري پرياسٽي جي نوجوان سان پسند جي شادي ڪري ڇڏي: مان پنهنجي رضامندي سان عرفان سولنگي سان عدالتي پرڻو ڪيو آهي مسمات فتيڪا قريشي اسان کي تحفظ ڏنو وڃي پسند جي شادي ڪندڙ جوڙي جو مطالبو خبر موجب پرياسٽي پريس ڪلب ۾ پسند جي شادي ڪندڙ جوڙي مسمات فتيڪا ۽ عرفان علي سولنگي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان پنهنجي رضامندي سان عدالتي پرڻو ڪيو آهي ان موقعي تي ڪراچي جي گارڊن علائقي جي رهواسڻ نوجوان ناري فتيڪا ولد محمد سليمان قريشي چيو ته منهنجا مائٽ منهنجي شادي زبردستي پوڙهي شخص سان ڪرائڻ چاهن پيا مان گهر مان ڀڄي ڪيڙن ۾ نڪري پرياسٽي جي نوجوان عرفان علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٽينٽ سٽي خالي ڪرڻ جي اعلان بعد مختلف تنظيمن جي اڳواڻن جو ٽينٽ سٽي جو دورو

ايس يو پي ملير جي اڳواڻ فيض هيسباڻي، سنڌ عوامي سٿ اڳواڻ سجاد رند، سميت مختلف ماڻهن جي شرڪت

اسانجا علائقا هن وقت تائين پاڻي هيٺ آهن اسان سرديءَ ۾ بغير ڪنهن اجهي آسري معصوم ٻارن سميت ڪيڏانهن وڃون؟ متاثرين

ملير (ڊ ر) ڊي سي ملير طرفان ٽينٽ سٽي خالي ڪرڻ جي اعلان بعد مختلف تنظيمن جي اڳواڻن جو ٽينٽ سٽي جو دورو ايس يو پي ملير جي اڳواڻ فيض هيسباڻي، سنڌ عوامي سٿ جي مرڪزي اڳواڻ سجاد رند، سميت مختلف ماڻهن جي شرڪت ان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز ۾ 14 ورهين جي نينگري پراسرار طور گم، وارثن پاران مدد جي اپيل

14 سالن جي نينگري انيشا ولد فضل محمد راڄپر پراسرار نموني گم ٿي وئي آهي

نينگري جي ڪافي ڳولا باوجود نه ملي سگهي آهي، ذهني توازن صحيح ناهي: وارث

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) 14 سالن جي نينگري پراسرار طور گم وارثن پاران ڳولا ۾ مدد جي اپيل نوشهرو فيروز/ ڀرياروڊ پرسان ڳوٺ خالقڏنو راڄپر واسي 14 سالن جي نينگري انيشا ولد فضل محمد راڄپر پراسرار نموني گم ٿي وئي آهي ان سلسلي ۾ ڳوٺاڻي احمد علي راڄپر ٻڌايو ته نينگري انيشا راڄپر گذريل ٻن ڏينهن کان پراسرار طور گم ٿي وئي آهي پنهنجي مدد پاڻ تحت نينگري جي ڪافي ڳولا باوجود نه ملي سگهي آهي نينگري جو ذهني توازن صحيح ناهي هن ٻڌايو ته اسان جي ڳوٺ ڀاهران برساتي پاڻي بيٺل آهي اسان کي خدشو آهي ته نينگري برساتي پاڻي جي تلاءُ ۾ نه ڪري پئي هجي هن سرڪار کان ٿوبا ڪهرائي نينگري جي ڳولا ۾ مدد جي اپيل ڪئي آهي

مورو ۾ شهري اتحاد، بار ايسوسيئيشن دوڪاندارن ۽ واپارين پاران بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن ۽ شهرين پاران شهر ۾ بدامني خلاف ۽ ايس ايس پي کي هٽائڻ لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو

ايڊووڪيٽ قادر خان ڪورائي حاجي نثار احمد ميمڻ راڄ جي ايم ڪورائي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو

روڊن رستن تي هٿياربند ڦورن هٿان ڊرائيور مسافر ۽ شهري قتل زخمي ٿين ٿا پر پوليس خاموش آهي: اڳواڻ

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) مورو سميت ضلعي نوشهرو فيروز ۾ بدامني خلاف مورو شهري ايڪشن ڪاميٽي جي اڳواڻن سياسي سماجي تنظيمن ۽ وڪيل برادري پاران احتجاجي مظاهرو ڪري مورو پريس ڪلب اڳيان ڌرڻو هنيو ويو. مظاهري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهرو فيروز: مورو ۾ شهري اتحاد، بار ايسوسيئيشن دوڪاندار ۽ واپاري احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽون ڪوٽ شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي 15 ورسي جي سلسلي ۾ ڪارڪنن جو اجلاس

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) ٺٽون ڪوٽ شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي 15 ورسي جي سلسلي پ پ ٺٽون ڪوٽ سٽي جو اجلاس منڌرا هائوس ٺٽون ڪوٽ ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ پ پ تعلقي جهڏو جي صدر نياز پنهور جنرل سيڪريٽري محبوب لغاري انفارميشن سيڪريٽري سجاد لاشاري پ پ سٽي صدر نور محمد منڌرو ضلع ڪائونسل مير محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٺاروشاهه پرسان ڳوٺ درياءِ خان ڍهراج واسي پوليس اهلڪار ڪراچي ۾ حادثي ۾ فوت

پوليس اهلڪار احمد علي ڍهراج ڪراچي جي ڪياماڙي ۾ روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويو

فوتي جو مڙهه ٺاروشاهه پرسان ڳوٺ پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو، علائقي ۾ سوڳ

ٺاروشاهه (رپورٽ: راشد علي ميمڻ) ٺاروشاهه پرسان ڳوٺ درياءِ خان ڍهراج واسي پوليس اهلڪار احمد علي ڍهراج ڪراچي جي ڪياماڙي واري علائقي ۾ روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي. ٺاروشاهه پرسان ڳوٺ درياءِ خان ڍهراج واسي شريف ڍهراج ٻڌايو ته منهنجو ڀاءُ ڪراچي جي ڪياماڙي جي ٿاڻي تي اي ايس آءِ هئو هن چيو ته هو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

صوبائي صلاحڪار بدين ۾ ايمبولينس سروس ريسڪيو 1122 جو افتتاح ڪري ڇڏيو

سيد مراد علي شاهه جي هدايتن تحت هي سروس بدين ۾ ڏني پئي وڃي: رسول بخش چانڊيو

سنڌ ۾ هيستائين 217 جديد ايمبولينسون صحت کاتي کي ڏنيون ويون آهن، سهولتون ملنديون

ايمبولينس ۾ تربيت يافته عملو موجود آهي هي عملو پنجاب مان ٽريننگ حاصل ڪري آيو آهي

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) وزيراعليٰ سنڌ جو صوبائي صلاحڪار براءِ بحالي ۽ رليف رسول بخش چانڊيو بدين ۾ ايمبولينس سروس ريسڪيو 1122 جو افتتاح ڪري ڇڏيو اسپورٽس ڪمپليڪس بدين ۾ افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي صلاحڪار حاجي رسول بخش چانڊيو چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزيراعلي سنڌ سيد مراد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

بدين: صوبائي صلاحڪار پاران ايمبولينس سروس ريسڪيو 1122 جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

ڪراچي دستگير باره دري پارڪ ۾ "شام وفامدراسي" جي نالي عظيم الشان پروگرام

ملير (ڊ ر) دستگير باره دري پارڪ ۾ سيده انعمتا ذوالفقار ڪامياب فائونڊيشن ۽ زبير عالم اردو سخن مڪمل ٽيم جي طرفان هڪ "شام وفامدراسي" جي نالو عظيم الشان پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ڪراچي جا مذهبي، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن، صحافين جي علاوه ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي، پروگرام ۾ مهمان خاص/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

عادلپور ٿاڻي جي حد مان ڳوٺ احمد ڪلوڙ ۾ چوري جي ڪوشش، جوابدار ۽ ڀاڳيو مارجي ويا

ڳوٺ احمد ڪلوڙ ۾ منير ڪلوڙ جي گهر ۾ هٿياربند ڪاٽ هڻي چوپايو مال چوري ڪري ويا

فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ چور مارجي ويو جنهن جي سڃاڻپ زمان ميراڻي طور ٿي آهي: رهواسي

هڪ ڀاڳيو منير ڪلوڙ سخت زخمي ٿي پيو جيڪو زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي ويو

عادلپور (رپورٽ: اسلم مهر) عادلپور ٿاڻي جي حد مان ڳوٺ احمد ڪلوڙ ۾ منير ڪلوڙ جي گهر ۾ ڪاٽ هڻي چوپايو مال چوري ڪري ويا مزاحمت تي ڀاڳيا جاڳي پيا ڀاڳين چورن جو پيڇو ڪيو ڀاڳين ۽ چورن آمهون سامهون فائرنگ ڪري ڏني فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ چور مارجي ويو جنهن جي سڃاڻپ ڳڙهي چاڪر واسي زمان ميراڻي طور ٿي آهي جنهن جو لاش گهوٽڪي تعلقه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڊپٽي ڪمشنر بدين پاران مهانگو ڀاڻ وڪرو ڪرڻ جي خبرن جو نوٽيس

وڌيڪ اگهه وٺندڙ سمورن پيسٽيسائيڊ ڊيلرن خلاف ڪارروائي ڪري رپورٽ جو حڪم

سرڪاري اگهه کان وڌيڪ اگهه تي وڪرو ڪندڙ ڊيلرن سان ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي: ڊي سي

اعليٰ سطحيٰ گڏجاڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان مهانگو ڀاڻ وڪري جو پڻ نوٽيس ورتو

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان مهانگو ڀاڻ وڪرو ڪرڻ جي خبرن جو نوٽيس وٺندي سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايتون جاري ڪندي چيو ته وڌيڪ اگهه وٺندڙ سمورن پيسٽيسائيڊ ڊيلرن خلاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

بدين: ڊپٽي ڪمشنر آغا شاهنواز خان اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

دولت پور ۾ پيپلز پارٽيءَ جو اجلاس، جلسي ۾ شرڪت لاءِ انتظامن تي غور

دولت پور صفن (رپورٽر) دولت پور ۾ شهيد راڻي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳوڻي چيئرپرسن شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي 15 ورسيءَ ۾ شرڪت لاءِ اڳواڻن جي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي پريور نموني شرڪت ڪرڻ جون تياريون شهيد راڻي ايشيا جي عظيم ليڊر هئي دنيا مان ڪنڊ ڪڙڇ مان وڏي انگ ۾ ماڻهو شريڪ ٿيندا آهن شهيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ساس شاخ ٻچل مهر ۽ نيشنل پريس ڪلب نوشهرو فيروز پاران سرمد سنڌيءَ جي ورسي

نوشهرو فيروز (رپورٽ: اسد علي عمراڻي) سنڌي ادبي سنگت شاخ ٻچل مهر ۽ نيشنل پريس ڪلب نوشهرو فيروز پاران سنڌ جي قومي ڪلاڪار سرمد سنڌيءَ جي 26 هين ورسي نيشنل پريس ڪلب نوشهرو فيروز ۾ ملهائي وئي هن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

25 دسمبر 1876 - 11 ستمبر 1948

146 واں یوم ولادت

"آزادی کا مطلب کھلی چھوٹ ہرگز نہیں ہے، اس کا یہ مطلب نہیں ہے آپ جو چاہیں کرتے پھریں، بلکہ آپ کو دوسرے لوگوں اور پاکستان کے مفاد کو اولیت دینی ہے۔"

(1948۔ ڈھاکہ یونیورسٹی میں طلباء سے خطاب)

وزارتِ اطلاعات و نشریات

حکومتِ پاکستان

PID (I) 3986-D /22

/GovtofPakistan /GovernmentofPakistan www.moib.gov.pk

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 25 ڊسمبر 2022ع

پنجاب ۾ سياسي تماشو

لاهور هاءِ ڪورٽ پرويز الاهي کان صوبائي اسيمبلي نه ٽوڙڻ جي خاطري وٺي ڪيس وزيراعليٰ جي عهدي تي بحال ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته سندس ڪابينا جي پڻ بحالي ٿي وئي آهي ۽ هاڻ پرويز الاهي وزيراعليٰ جي عهدي تي پنهنجي اختيارن سميت ٻيهر ڪم شروع ڇڏيو آهي. گذريل رات دير سان گورنر بليغ الرحمان ڪيس اعتماد جو ووٽ نه وٺڻ جو سبب ڄاڻائي عهدي تان فارغ ڪري ڇڏيو هو ۽ سندس ڪابينا کي پڻ ختم ڪري ڇڏيو هو. جيتوڻيڪ اهو فيصلو شام جي وقت ڪيو ويو هو پر چيف سيڪريٽري پاران قانوني ماهرن سان مشاورت ڪرڻ سبب ان جو نوٽيفڪيشن رات جو دير سان ڪڍيو ويو. پرويز الاهي سميت پي ٽي آءِ جي قيادت ان نوٽيفڪيشن کي غيرقانوني قرار ڏئي ان تي عملدرآمد ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڪالهه صبح پرويز الاهي گورنر بليغ الرحمان جي ان قدم خلاف لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪئي. پٽيشن جي ٻڌڻي دوران بينچ ۾ شامل هڪ معزز جج جسٽس فاروق حيدر بينچ جو حصو بڻجڻ کان معذرت ڪئي جنهن سبب بينچ ٽٽي وئي ۽ ٻيهر جڙيل بينچ ڪارروائي شروع ڪرڻ بعد پرويز الاهي کان خاطري وٺي ڪيس وڏو رليف ڏنو. پنجاب حڪومت جي ٻيهر بحالي کانپوءِ هاڻي سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته ڇا ملڪ جي وڏي صوبي ۾ پيدا ٿيل اها افراتفري پنهنجي پڄاڻي کي پهچي ويندي؟ يا اهو سياسي بحران هلندو رهندو؟

ملڪ هن وقت جنهن ڪيفيت مان گذري رهيو آهي ان ۾ ڇا ان سياسي رساڪشي جي گنجائش آهي جڏهن هڪ طرف ملڪ جو خزانو تيزي سان خالي ٿي رهيو آهي قرضن جون قسطون ڏيڻ جو بار گهٽجڻ جو نالو ئي نٿو وٺي ته ٻئي طرف آءِ ايم ايف سان پڻ معاملا تعطل جو شڪار بڻيل آهن انڪري حڪومت کي ملڪ هلائڻ لاءِ سخت ڏکيائون پيش اچي رهيون آهن جيتوڻيڪ ناڻي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار توڙي حڪومت جا معاشي ترجمان عوام کي اهو باور ڪرائي رهيا آهن ته ملڪ ڊيوالپٽي جو شڪار ٿيڻ نه پيو وڃي تنهن هوندي به جيڪي معاشي انگ اکر سامهون اچي رهيا آهن انهن مان اهو ظاهر آهي ته ملڪي معيشت سنگين خطرن جي ورچڙهيل آهي اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن ملڪ جو سڀ کان وڏو صوبو سياستدانن جي رساڪشي جو شڪار رهندو ۽ ٻئي ڌريون هڪ ٻئي جو پاند ڇڪڻ ۾ پوريون هونديون ته پوءِ عوام ڪيڏاهن ويندو. لاهور هاءِ ڪورٽ پرويز الاهي کان خاطري وٺي 11 نومبر تائين صوبي کي عارضي رليف ته ڏئي ڇڏيو آهي پر ان سموري عرصي دوران ڇا پاڪستان تحريڪ انصاف جي قيادت توڙي وفاقي حڪومت هڪ ٻئي جي ڇنڊاڇاڻ بند ڪري ملڪ جي معيشت کي بهتر بڻائڻ لاءِ سنجيدا ٿينديون. عوام هن وقت سخت پريشان آهي هڪ طرف مهانگائي جو طوفان آيل آهي ۽ کاڌي پيتي جي شين کان وٺي روزاني معمول جي استعمال وارين شين جا اگهه چوٽ چڙهيل آهن ته ٻئي طرف هي سياسي رساڪشي بند ٿيڻ جو نالو نه پئي وٺي انڪري ضروري آهي ته هاڻ ٻنهي سياسي ڌرين کي سنجيدا ٿيڻ گهرجي بجاءِ هڪ ٻئي جا ڇنڊا پٽڻ ۽ هڪ ٻئي کي گاريون ۽ ڌمڪيون ڏيڻ جي ملڪ جي 22 ڪروڙ عوام جي تڪليفن کي ڏسڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اهو ئي رويو رکڻو آهي ته پوءِ ملڪي معيشت اڃا به ويهي رهندي ۽ ڪنهن ٽئين ڌر کي اچڻ جو موقعو ملي ويندو جنهن جو بار ڪڻڻ لاءِ ملڪ ۾ هاڻي سگهه نه رهي آهي. سياستدانن کي گهرجي ته سياست ڪرڻ لاءِ پوءِ وري موقعا ملندا رهندا پر هن وقت اها ڇنڊا پٽ ڇڏي ملڪ جو فيٽو هلڻ ڏنو وڃي.

اسلام آباد خودڪش ڌماڪو، مذمت، سياسي بيان

سيد زوار حسين شاهه

اسلام آباد سيڪٽر آئي ٽين ۾ هڪ ٽيڪسي کي پوليس روڪڻ جو اشارو ڏنو جنهن بعد اچانڪ خودڪش ڌماڪو ٿيو جنهن بعد پنج پوليس اهلڪار پنج شهري زخمي ٿيا جڏهن ته باخبر ذريعن موجب هڪ جي شهيد ٿيڻ جا اطلاع به آهن جڏهن ته ٽيڪسي ڊرائيور سان هڪ ٻيو به خودڪش حملو ڪندڙ پاڻ کي ان پوليس پڪٽ وٽ اڏائي ڇڏيو. سوال اهو آهي ته اچانڪ اهڙا واقعا ڇو پيا ٿين. ملڪ اندر هن وقت ڪهڙي صورت حال آهي. سوال اهو به اهي ته ڇا ملڪ اندر سياسي استحڪام آهي يا نه. برحال گذريل ستن مهينن کان وٺي جنهن جارحانه انداز سان ڪپتان کي وڏي پلاننگ تحت لاهي. اهي جن مٿان ڪرپشن جا الزام ته ٺهيو پر ڪيترن ئي کي سزائون به مليل آهن انهن خير سان ضمانتون حاصل ڪري. عيش عياشي ٻاهرين ملڪن جا دورا ڪري رهيا آهن هي ملڪ اندر ڇا ٿي رهيو آهي ملڪ ڪيڏانهن پيو وڃي. جڏهن ته پاڪستان تحريڪ انصاف حقيقي آزادي جي نالي تي تاريخي لانگ مارچ شروع ڪيو جنهن دوران ڪيترائي تاريخي جلسه به منعقد ڪيا. مان ته گهٽ ۾ گهٽ ائين جلسا ناهين ڏٺا پر جهڙي طرح ڪپتان جي رستا روڪ ڪئي وئي آهي اها ٻها سان جي اڳيان آهي. ملڪ هن وقت مڪمل تباهي ڪناري تي پهتل آهي. معيشت مڪمل تباهه لکين ماڻهون بيروزگار آهن لکين ماڻهن جي بنيادي حقن تي ڌارا هنيا پئي وڃن جنهن سان به ملڪ اندر عدم استحڪام نظر اچي رهيو آهي. اهڙي صورت حال ۾ ملڪ دشمن به پاڪستان جي مجموعي صورت حال تي ڪڙي نظر رکي رهيا آهن جنهن جو مڪمل فائدو وٺندي پاڪستان جا حالات خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. جڏهن ته هن وقت پي ڊي ايم جي تمام جماعتن جا اڳواڻ صرف پنهنجا ڪرپشن ڪيس ختم ڪرائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري عجيب غريب فيصلا ڪري ڪپتان کي روڪي رهيا آهن جڏهن ته هن وقت به پي ڊي ايم جي اعلي قيادت کي اها به خبر آهي ته جڏهن به اليڪشن ٿيندي. ڪاميابي ڪپتان کي ئي ملندي ان ڪري هو ڪڏهن به نه چاهيندا ته حالات سهي سمت طرف وڃن معيشت سهي ٿي. هن وقت جيڪڏهن اسان پاڻ کي تبديل نه ڪيو ته پوءِ حالات وڌيڪ خراب ٿيندا. جڏهن ته جتي پاڪستان تحريڪ انصاف جي حڪومت آهي پنجاب هو ان کي تحليل ڪري اليڪشن جو مطالبو ڪندا ته اهو به پي ڊي ايم جي لاءِ بهتر ناهي. جڏهن ته اسلام آباد ۾ ٿيل خودڪش ڌماڪي بعد مذامتي بيان جاري آهن ۽ هاڻ جيڪا آمريڪا ڪجهه هفتا اڳ ڳالهه ڪئي هئي ته سوات ۾ جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي ان تي اسان جي به نظر آهي. اسان پاڪستان سان هر حال ۾ گڏ آهيون. جڏهن ته هاڻ پاڪستان ۾ آپريشن به خير سان شروع ٿي چڪا آهن. ۽ باقائده چيئرمين پ پ پ جناب بلاول ڀٽو زرداري پرڏيهي وزير خارجه به بيان جاري ڪيو آهي ته ٽي ٽي پي کي فوري لغام ڏنو وڃي انهن جي چر پر تي نظر رکڻ گهرجي جڏهن ته وزيرعلي سنڌ به غير ملڪ رهندڙ پوءِ ان ۾ جيڪي به هجن انهن جي نيڪالي لاءِ حڪم نامه جاري ڪيا آهن اچانڪ هاڻ سڀ ڪجهه ٿئي پيو جيڪو پهرئين ڏينهن کان ٿيڻ گهرجي. . جڏهن ته نائين پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پابندي مڙهيل تنظيم ٽي ٽي پي پاڪستان لاءِ ريڊ لائين آهي. جيڪڏهن ثابت ٿيو ته افغان طالبان ٽي ٽي پي کي نه پيا روڪين ته ان کي نظرانداز نه ڪيو ويندو. واشنگٽن ۾ پاڪستاني سفارتخاني ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي پرڏيهي وزير چيو ته افغان طالبان کي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته جيڪڏهن ٽي ٽي پي کي نه روڪيو ته اسان جا لاڳاپا ٺيڪ نه رهندا. جيڪڏهن افغان طالبان کي شدت پسندن خلاف آپريشن ۾ مدد جي ضرورت هجي ته فراهم ڪنداسين. بلاول ڀٽو زرداري جو چوڻ هو ته دهشتگردي جي خاتمي لاءِ آمريڪا سان سهڪار تي ڪونئون معاهدو ناهي ٿيو. افغانستان جي فنڊز واريون ڳالهيون طالبان لاءِ نه پر افغان عوام لاءِ ڪندا آهيون. طالبان آمريڪا ۽ دنيا سان به شدت پسندن گروپن خلاف ڪارروائي جا واعدو ڪيا. هڪ سوال جي جواب ۾ پرڏيهي وزير چيو ته آمريڪا سان سفارتخاني جي ملڪيتي عمارت وڪرو ٿيڻ ضروري آهي. عمارت زبون حال آهي. ان تي ٽئڪس ۽ پيا خرچ تمام گهٽا لڳي سگهن ٿا پر نيويارڪ ۾ هوٽل کپائڻ جي حق ۾ نه آهيون. پاڪستان ۾ چونڊن بابت سوال تي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته چونڊون وقت تي ٿي ٿينديون. عمران خان انڪري وقت کان اڳ چونڊون چاهي ٿو ته جئين ڌانڌلي ۾ مدد ملي سگهي. بلاول ڀٽو زرداري جو چوڻ هو ته ادارا تڪرارن کان آئيني ڪردار طرف اچي چڪا آهن پر ڪجهه سياستدان آهن جيڪي نفرت پکيڙي رهيا آهن ۽ سياسي اختلاف کي دشمني جو رنگ ڏئي رهيا آهن. ٻئي پاسي پاڪستان پيپلز پارٽي جي ٽوئيٽر اڪائونٽ تي هڪ وڊيو شيئر ڪئي وئي آهي جنهن ۾ پ پ پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو چئي رهيو آهي ته هو پاڪستان جو پهريون پرڏيهي وزير آهيان جيڪو پنهنجي هوٽل جو بل پاڻ ادا ڪندو آهي. هو پنهنجي پرڏيهي دورن جي خرچن جو بار قومي خزاني تي ناهي وجهندو ۽ جيڪڏهن ائين ڪري ته اهو پرڏيهي وزير طور سندس حق آهي. هن چيو ته منهنجن پرڏيهي دورن جو فائدو مهنجي ذات کي نه پر پاڪستان جي عوام کي ٿيو آهي. وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته رياست جي عملداري هر قيمت تي قائم ڪئي ويندي. ڪنهن کي دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ قوم ۽ بهادر هٿياربند فوج جي بي مثال قربانين جي ذريعي حاصل ڪيل ڪاميابين کي پٽڙي تان لاهڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. هو ڪالهه خميس ڏينهن سي ايم ايڇ راولپنڊي ۾ سي ٽي ڊي بنون آپريشن ۾ زخمي ٿيندڙ پاڪ فوج جي آفيسرن ۽ جوانن سان ڳالهائي رهيو هو. آءِ ايس پي آر موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪالهه خميس ڏينهن سي ايم ايڇ راولپنڊي سي ٽي ڊي ڪمپليڪس بنون آپريشن دوران زخمي ٿيندڙ آفيسرن ۽ جوانن جي عيادت ڪئي. وزيراعظم آپريشن ۾ حصو وٺندڙ فوجين جي جرئت ۽ بهادري کي خراج تحسين پيش ڪيو. وزيراعظم چيو ته شهيدن ۽ انهن جي گهرڀاتين پاڪستان جي عوام جي تحفظ ۽ سلامتي کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن. وزيراعظم چيو ته اسان پرامن ۽ مستحڪم ماحول حاصل ڪرڻ تائين هر قسم جي دهشتگردن. انهن جي حامين ۽ همدردن جي وچ ۾ ڳٺ جوڙ کي ٽوڙڻ جي لاءِ پرعزم آهيون. وزيراعظم چيو ته رياست جي عملداري هر قيمت تي قائم ڪئي ويندي ۽ ڪنهن کي دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ قوم ۽ بهادر هٿياربند فوج جي بي مثال قربانين جي ذريعي حاصل ڪيل ڪاميابين کي پٽڙي تان لاهڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبي ۾ امن امان جي صورتحال برقرار رکڻ جي لاءِ غيرقانوني طور تي ترسيل پرڏيهين کي واپس اماڻڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. سنڌ جي وڏي وزير جي صدارت هيٺ امن امان بابت اجلاس ٿيو جنهن ۾ چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت. ڊي جي رينجرز ميجر جنرل اظهر. آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ پرنسپل سيڪريٽري فياض جتوئي. ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي. ايڊيشنل آءِ جي اسپيشنل برانچ ۽ ٻين ادارن جي آفيسرن شرڪت ڪئي. وڏي وزير چيو ته دهشتگرد تنظيمون ملڪ ۾ ٻيهر امن امان خراب ڪرڻ چاهين ٿيون. اسان پنهنجي ملڪ. صوبي ۽ شهرن ۾ دهشتگردن کي ٻيهر ڪر کڻڻ نه ڏينداسين. وڏي وزير انٽيليجنس بيسڊ آپريشن تيز ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي جڏهن ته سنڌ پوليس ۽ ٻين انٽيليجنس ادارن ۾ ڪوآرڊينيشن وڌائڻ جو مڪينزم پڻ ناهيو ويو وڏي وزير چيو ته سمورا انٽيلجنس ادارا روزاني جي بنياد تي هڪ ٻئي سان رابطي ۾ رهن. وڏي وزير اسٽريٽ ڪرائيمز تي به پوليس کي اهم هدايتون ڏنيون. هن چيو ته پوليس ۽ رينجرز اسٽريٽ ڪرائيمز خلاف سخت ڪارروايون ڪنديون. هن ڊي جي رينجرز کي پيٽرولنگ وڌائڻ جي به هدايت ڏني جڏهن ته اسٽريٽ ڪرائيمز ۾ پراسيڪيوشن کي به وڌيڪ بهتر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. برحال ملڪ اندر نه صرف معيشت تباهه ٿي چڪي آهي سيڪيورٽي مسئلا اهن. ملڪ اندر ڪو ڪاروبار ڪرڻ لاءِ تيار ئي ناهي. ملڪ هن وقت هنن نااهل سياستدانن جي نااهلي ۽ غلط فيصلن جي ڪري دلدل ۾ ڦاسندو پيو وڃي پر سياستدان پنهنجي ڪيل غلطين تي پشيمان به ناهين. جڏهن ته جهڙا الزام هن قوت جي پي ڊي ايم يج قيادت وزيرن مٿان آهن جيڪڏهن ڪنهن ملڪ ۾ ائين الزام هجن هان ته اهي هن وقت جيلن ۾ هجن ها. برحال مانس مڃهان ٿو ته جنرل اليڪشن ئي ملڪ ۾ استحڪام قائم ٿي سگهي ٿو پر مان گذارش ڪندس ته هي بحران ختم ڪيئن ٿيندو. جيڪڏهن هن وقت آئين جو احترام نه ڪيو ويو ته مان سمجهان ٿو ته ملڪ خلاف ڪم ڪندڙ خواهه پاڪستان ۾ هجن يا پاڪستان کان ٻاهر هجن حالات خراب ٿيندا رهندا. هن وقت اسلام آباد سيڪٽر آئي ٽين خودڪش ڌماڪي بعد بيان بازي ۽ صرف مذمت ڪيون ٿا مان ڪم نه هلندو. اسان جي سياستدانن کي ملڪ جي بهتري لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو. مان گذارش ڪندس ته جنهن طرح سان سياستدان ڪم ڪن پيا اهو ڪنهن کان لڪيل ناهي. ڪيترائي سياستدان عوام جي لاءِ ڪم نه پيا ڪن پاڪستان جي بهترين بقا لاءِ ڪم نه پيا ڪن. جڏهن ته آئين موجود آهي اڇو اليڪشن طرف ڌيان ڏيون. اجائي بيان بازي کان گريز ڪيون.

جِنَن جُهڳا پائِيين جهولَ ۾، اِئَن نه مَرِن مَڃّ؛
سَبِرَ ڏارِ سَمُنڊَ جا، ڪي رائُون رَڳِيُون رَڃّ؛
هِي ڇارُون ۽ ڇَڃّ، اڃا اوڙاهُ آڳاهُون ٿِيو.

ساگر - سمنڊ - خليج - گهاٽي

عبدالرحمان پيرزادو

ساگر يا سمونڊ، سمنڊ، خليج ۽ گهاٽي. اهي سڀ کاري پاڻيءَ جا نالا آهن پر انهن جو پاڻ ۾ تعلق ڪهڙو آهي، اهو شايد اسان وٽ عام ڪونهي. ساگر جنهن کي انگريزيءَ ۾ ocean چئبو آهي ۽ اسان سنڌيءَ ۾ ’سمونڊ‘ به لکندا آهيون.

اهو سمنڊ sea جي پيٽ ۾ پاڻيءَ جو وشال ذخيرو هوندو آهي جنهن جو ڪاٺو يا ڪنارو ڏکيو لڀندو آهي. سمنڊ اتي هوندا آهن جتي ساگر ۽ درياءَ جو سنگم هوندو آهي. گهاٽيون bays وري اتي جنم وٺنديون آهن جتي درياهه سمنڊ يا ساگر سان اچي پيچ اٽڪائيندا آهن. خليج gulf وري ساگر جي انهي حصي کي چئبو آهي جتي سنڌس پاڻين جي ٻنهي پاسي ڌرتي جهڙوڪر ڪوهڪرو ٺاهي ڇڏيندي آهي. عمومي طور سمنڊ کان زمين سان سنڌو ٿيل هوندو آهي.

هڪ ساگر ۾ ڪيئي سمنڊ، گهاٽيون ۽ خليج هوندا آهن، گهاٽيون گهٽ ڪري ٽن پاسن کان ڌرتي ۽ هڪ پاسي کان ساگر سان جڙيل هونديون آهن. دنيا ۾ چار ساگر/اوقيانوس atlantic، خاموش pacific، سنڌو indian ۽ آرڪٽڪ arctic جي نالن سان موجود آهن. اوقيانوس ساگر ۾ بالٽڪ سمنڊ، بليڪ سمنڊ، ڪريبين سمنڊ، ڊيوس اسٽريٽ، ڊنمارڪ اسٽريٽ، ڊريڪ جو گذرگاهه، ميڪسيڪو خليج، لبيادر سمنڊ، ميڊيٽيرين سمنڊ، نارٿ سمنڊ، ناروي سمنڊ، اسڪوشيا سمنڊ شامل آهن. خاموش ساگر ۾ ڏکڻ چيني سمنڊ، اوڀر چيني سمنڊ، جاپاني سمنڊ، اوخوتسڪ سمنڊ، فلپائي سمنڊ، ڪورل سمنڊ، جاوا سمنڊ ۽ تاسمان سمنڊ شامل آهن. سنڌ مهاساگر ۾ عربي سمنڊ، خليج فارس، ڏکڻ پارتي سمنڊ، بنگال جي گهاٽي، اندمان سمنڊ، ڳاڙهو سمنڊ، جاوا سمنڊ، زانج سمنڊ شامل آهن. آرڪٽڪ ساگر ۾ اڇو سمنڊ، سائبيرين سمنڊ، چڪچي سمنڊ، بيوفورٽ سمنڊ، لنڪولن سمنڊ، ڪئنڊا آرڪٽڪ، اچيپلاگو، اتر گرين لينڊ، بيرينٽ، ڪارا ۽ ليپٽيف جا برفاني علائقا شامل آهن.

بقايا سنڌيار 01

واهه بس اسٽاپ ويجهو زرعي زمين تي ڪيل بااثر شخصيت جي مبينه قبضي ڪرڻ ۽ هارين کي زرعي زمين تان بي دخل ڪرڻ لاءِ موتمار ڌمڪين تي علائقي جي رهواسي هارين جاڙا واهه بس اسٽاپ تي احتجاجي جلوس ڪڍي مظاهري ڪرڻ ڪانپوءِ ڌرڻو هنيو. احتجاج ۾ شامل هارين شريمتي دارشي بجاڻي ، شريمتي تلسي بجاڻي ، گل مگٺهار، رستم علي مگٺهار، حاڪم علي مگٺهار ۽ ٻين چيو ته علائقي جي بااثر شخصيت ذاتي ملڪيت واري زرعي زمين تي غيرقانوني قبضي ڪرائڻ لاءِ ان کي برادرين ۾ خوني تڪرار جو نالو ڏيئي قبضو ڪرايو آهي . جنهن ۾ هارين جا رستا روڊ بند ڪري زرعي زمين تي هارپو ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي . هارين کي موتمار ڌمڪيون ڏيڻ سان گڏ زميندار پرويز پناڻ کي پڻ قتل ڪرائڻ جي ڌمڪي ڏني ويئي آهي . جنهن جي ڪري اسان پنهنجي خاندانن سميت هارپو ڪرڻ کان محروم ٿي ويا آهيون . هنن چيو ته اسان ڪي هتي زمين تي پنجاهه سال ٿي ويا آهن هارپو ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو پيٽ گذر ڪندا آهيون زمين تي ڪٽڪ جي آبادي لڳائڻ لاءِ زمين تي وياسين ته اتي بااثر شخصيت جي هٿياربندن ڪهاڙيون ڪڍي اچي زمين کي آباد ڪرڻ تي موتمار ڌمڪيون ڏنيون آهن . هنن چيو ته اسان بي يارو مددگار پنهنجي زرعي زمين تي ويٺا آهيون هڪ پاسي اسان جي روزي آهي ٻي پاسي زمين جي سارسنڀال اسان جي زميواري آهي . هنن چيف جسٽس آف سپريم ڪورٽ پاڪستان ، آءِ جي سنڌ ، ڊي آءِ جي حيدرآباد سميت ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کان انصاف جو مطالبو ڪيو آهي .

بقايا سنڌيار 02

محمد عظيم عباسي ايس ڊي او محمد دين ۽ مظفر سومرو صارفين جا مسئلا ٻڌا ۽ 109 شهرين پاران بل ڪٺي پهتا جيڪي موقع تي حل ڪيا. ايڪسئن محمد عظيم عباسي جو چوڻ هو ته ڪيترائي بجلي صارف بلن جي مد ۾ رعايت سميت ٻيا مسئلا کڻي آيا جيڪي اڪثر موقع تي حل ڪيا ويا. هن چيو ته عوام کي گهرجي ته وقت سر بجلي جا بل ادا ڪن جئين اضافي بلن ۽ لوڊشيڊنگ کان بچي سگهن

بقايا سنڌيار 03

نمائندا چو خاموش آهن جڏهن ته سڀ ڪجهه انهن جي هٿان ٿيڻ گهرجي هتان جي رهواسين کي صرف ڊرائيور ۽ مزدور رکيو وڃي ٿو ٻاهر جا ڊپلومان هولڊر آفيسر هتي جا انجنيئر ڌڪا پيا کائين جڏهن ته 70 سيڪڙو هتان جي ماڻهن کي رکڻ جو واعدو ٿيل آهي.ان سلسلي ۾ ٿر جي ست تعلقن جي انجنير پاس گريجويٽ ۽ ڊپلوما هولڊر نوجوانن جو چوڻ آهي ته اسان ٿرڪول بلاڪ ون ۽ بلاڪ 2۾ بار بار اپلاءِ ڪري انٽرويز به ڏنا آهن مگر ڪول انتظاميا صرف پنهجا نوازي تحت مقامي ماڻهن کي نڌي رهي آهي سنڌ حڪومت ۽ وفاقي حڪومت کي گهرجي ته ٿرڪول ۾ ٿر جي نوجوانن کي وڏ ۾ وڏ نوڪريون ڏنيون وڃن

بقايا سنڌيار 04

الزام هيٺ گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته مان ڪاله ڪان ٿاڻي جا چڪر ڪاٽي ڪاٽي ٿڪجي پئي آهيان پر پوليس پٽ سان ملڻ به نٿي ڏئي هن وس وارن ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ٻين کان مطالبو ڪندي چيو ته فوري طور پٽ ۽ سندس دوست کي آزاد ڪري فهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي نه ته بي صورت ۾ ٿاڻي آڏو پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيندس.

بقايا سنڌيار 05

ڪيس چيئلينج ڪندي درخواست داخل ڪري ڇڏي هئي، جنهن تي حيدرآباد اليڪشن ٽريبونل اين اي 234 تي پ پ اميدوار عرفان ظفر لغاري خلاف پي ٽي آئي اميدوار لياقت جتوئي جي ڏنل درخواست کي رد ڪري ڇڏي آهي.

بقايا سنڌيار 06

جڏهن ته ناليواري اديب شاعر ليڪ براڊ ڪاسٽر مختيار ملڪ، اداڪار صداڪار هاشم پٽي، سجاد ميرائي، پرواز نيوز نيٽ ورڪ جي سي او شيراز علي پناڻ، ڊائريڪٽر نيوز بشارت سهرياڻي، نصير ڏيٽو، جي ڪمار، سياسي سماجي اڳواڻ سماج سڌارڪ وائيس آف خيرپور جي اڳواڻ نويد احمد ميمڻ، جسقم جي مرڪزي اڳواڻ امجد خان مهيسر، گستامرڪزي صدر مقصود مهيسر، فنڪشنل مسلم ليگ جي اڳواڻ ڊاڪٽر پيارو خان ڦلپوٽو، فقير سعيد احمد مهيسر، فقير نشاد حسين مهيسر، ڪجور منڊي خيرپور جي واپاري اڳواڻن وقار احمد ڦلپوٽو، استاد امتياز علي ميمڻ، سنڌ بينڪ جي ريجنل مئنيجر محمد يوسف ڪڙيو، انجمن تاجران جي صدرن عاشق حسين عباسي، لالا عبدالغفار شيخ، حاجي الطاف حسين ميمڻ، فهيم احمد شيخ، جاويد حسين عباسي، مظفر حسين چنه، گرمڪ مل ماڪيجا، حاجي محمد علي عباسي، خادم ميمڻ، پوليس آفيسرن غلام عباس ڪلهوڙو، محمد صديق عباسي، ريڊيو پاڪستان خيرپور جي اسٽيشن ڊائريڪٽر سيد اڪبر شاهه خيرپور آرٽس ڪائونسل جي صدر سانول خان گاهو، ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر مٺي احمد علي عباسي، زراعت کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر مشتاق احمد سومرو، زراعت کاتي اڳوڻي ڊائريڪٽر جنرل محمد سمنگ، انور سمنگ، نديم سمنگ، سياسي سماجي اڳواڻن سماج سڌارڪ نصير مراد شيخ، ارشاد جوٽيجو، تعلقي ايجوڪيشن آفيسر خيرپور محمد يوسف بگٽي، پ ٽ الف اڳواڻ خير محمد سومرو، لعل محمد جانوري . استاد محمد شريف بگٽي، استاد ظفر الله لاکو، استاد غمار ڪتوهر، استاد نذير احمد سولنگي پ پ اڳواڻن مشتاق حسين ڦلپوٽو، امام ڏنو ملاح، غلام سرور سومرو، دودو سومرو، شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور جي ڊائريڪٽر پروفيسر سيد ذوالفقار شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور جي ايمپلائيز يونين جي جنرل سيڪريٽري محمد اسلم گهمرو، عبدالباسط خلجي، عاشق حسين پٽي، راشد لاشاري، شاهد لاشاري، آبپاشي کاتي جي اسسٽنٽ انجنيئر ممتاز علي گهمرو، عباسي ڪلهوڙا برادري جي معزز شخصيتن ڊاڪٽر منظور عباسي، ميان جهانگير عباسي وڏيرن محمد رفيق ڪلهوڙو، گل حسن ڪلهوڙو، حاجي خان ڪلهوڙو، سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري نامي ارشاد سهرياڻي، گل بهار ڪتوهر، راجا الطاف حسين، شهيد بادشاهه درگاهه جي گادي نشين سيد نواز علي شاهه، سيد دانش شاهه، فهيم احمد خان، ظهيراحمد چنه، صحافين غلام عباس پنهرو، شاهد نواز سيال، مٺل کهڙو، شفيق احمد شر، عمر ملڪ، راشد علي سمنگ، راجهن شيخ، هنگورا جي صحافي غلام حسين چانگ، سيتارجا جي صحافين حسين بخش ڪبر، سجاد ڪبر، ٽيڪيدار غلام مصطفي شيخ، عمران لاڙڪ، نعيم شيخ، اعجاز جکڙ، سڄا ابڙو سميت مختلف علائقن جي ماڻهن تڏي تي پهچي ڏک ونڊيو ۽ تعزيت ڪئي. جڏهن ته دين محمد ڪلهوڙو جي وفات تي سندس وارثن شاهنواز ڪلهوڙو علي نواز ڪلهوڙو سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا سنڌيار 07

ذوالفقار مگسي، علي شير مگسي، اشرف مگسي، جاويد علي مگسي، حافظ اياز مگسي، وزير لاشاري سڪندر لاشاري ۽ ٻين پاران فڪر آخرت ۽ شان اولياءَ جي نسبت سان هڪ وڏو ديني بين الصوبائي روحاني اجتماع منعقد ڪيو ويو، جنهن جي صدارت جماعت اهلسنت جي بزرگ حضرت قبلا پير ڪرم الهي المعروف دلبر سائين جن ڪئي، جڏهن ته مولانا محمد حنيف عباسي، مولانا محمد سليمان نقشبندي، حافظ اعجاز سومرو، مولوي منظور لغاري، حافظ رحيم بخش زنئور سميت مشائخن نعت خوانن سميت مختلف علائقن کان آيل هزارين عقيدت مندن ۽ عاشق رسول شرڪت ڪئي. ۽ هر طرف صلوات وسلام جو ورد ۽ لبيڪ يارسول جون صدائون بلند ڪيون ويون. ديني اجتماع ۾ حضرت پير دلبر سائين خصوصي خطاب ڪندي چيو ته دنيا اندر مسلمان وڏي اڪثريت ۾ هئڻ باوجود اسان خساري ۾ آهيون. ان جو اهم سبب اهو آهي ته اسان پنهنجي جهانن جي سردار جي دين کي وساري دنياوي ڪمن ۾ لڳي ويا آهيون، هن چيو ته مديني واري مير سان محبت رکڻ ۽ پاڻ جي ڏسيل وات تي هلڻ سان دنيا ۽ آخرت جو ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهجي ٿو. آخر ۾ ملڪ قوم ۽ پوري عالم اسلام جي خوشحالي لاءِ دعائون گهريون ويون. آخر ۾ عمرالدين مگسي ۽ عبدالغفور مگسي طرفان نيازلنگر تقسيم ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 08

جي ماهر ڊاڪٽرن (CP child) پيدائشي توڙي جمڻ کان بعد معذور ٿيل ٻارڙن دماغي فالج دماغي توازن صحيح نه هجڻ سميت دماغ جي بين مرضن ۾ مبتلا 7 سئو کان وڌيڪ مريضن جي چڪاس ڪئي وئي ۽ 121 خاندانن جي رت جي اسڪرينگ ڪئي وئي ۽ رت جا نمونا وٺي ڪراچي آغا خان ۽ ٻاهرين ملڪ جي ليبارٽرين ۾ ٽيسٽ ڪئي ويندي ۽ ٽيسٽن بعد انهن ٻارڙن جو علاج ڪيو ويندو ان موقعي تي ڊاڪٽر سفيان احمد ميمڻ ٻڌايو ته ميڊيڪل ڪئمپن اڪين جي ڪئمپن سان گڏوگڏ دماغي مرض ۽ معذوري لاءِ علاج واري ڪئمپ انتهائي ضروري هئي ته جيئن هتان جو غريب عوام معذور ۽ دماغي مرض ۾ مبتلا ٻارڙن جو علاج ڪرائي سگهن جنهن ۾ آغا خان اسپتال تعاون ڪري ٻن ڏينهن واري ڪئمپ لڳائي جنهن ۾ 700 کان وڌيڪ مريضن جي چڪاس ڪئي وئي ۽ 121 خاندانن جي اسڪرين ڪئي وئي هن چيو ته ڪئمپ جو مقصد صرف اهو هيو ته انسانيت جي خدمت ڪري بيمارين ۾ مبتلا ٻارڙن جي سهائتا ڪئي وڃي جيئن هو ۽ پنهنجي زندگي آساني سان گذاري سگهن ۽ ايندڙ نسل کي ان معذوري کان بچائي سگهجي.

بقايا سنڌيار 09

کاتي جي اولڊ ويسو اسٽور مان ٻراج جي گيٽن ۾ استعمال لاءِ آيل ڪروڙين روپين جا نوا 65 کان مٿي رولر اسٽور مان چوري ٿيا جيڪي مبينا طور ڪروڙين روپين ۾ وڪرو ڪرڻ جو پڻ انڪشاف ٿيو هو جنهن ڪانپوءِ آبپاشي عملدارن 2 مهينن ڪانپوءِ اوچتو سجاڳ ٿي پيا آبپاشي کاتي جي سب انجنيئر اسلم گاڏهي اسٽور کوليو ته ان مان سرڪاري 65 کان مٿي رولر غائب ٿيل هئا بعد ۾ 24 نومبر تي پوليس کي پئسا ڏئي هڪ ڪوڙو ڪيس جامشورو ٿاڻي تي سب انجنيئر اسلم گاڏهي جي فرياد تي نامعلوم چورن مٿان ڪيس داخل ڪرايو ويو. آبپاشي کاتي جي عملدارن ۾ ٽرٿلو مچي ويو مختلف ادارن طرفان الڳ الڳ جاچ شروع ڪري ڏني مجبورن جامشورو پوليس جي جاچ آفيس اي ايس آئي اياز احمد ٻگهيو نيٽ حتمي چالان فرسٽ سول جج جوڊيشنل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ پيش ڪيو چالان ۾ پوليس ڄاڻايو ته آبپاشي کاتي جي ايڪسين ۽ ايس ڊي او کان رولرن جا تفصيل گهريا جن پوليس کي تفصيل ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏي جنهن مان واضع ظاهر ٿئي ٿو ته آبپاشي عملدارن سرڪاري لوهه ۾ خرد برد ڪري ويڪرو ڪيو آهن اهڙو حتمي چالان عدالت ۾ پيش ٿيڻ ڪانپوءِ عدالت جي جج ڪيس اينٽي ڪرپشن ڪورٽ ڏانهن منتقل ڪيو ويو ڪرپشن جي خاتمي واري خاص عدالت جي اسپيشل جج جي حڪم تي اينٽي ڪرپشن سرڪل آفيسر ذيشان حيدر ميمڻ جي فرياد تي سرڪاري لوهه ۾ خرد برد ڪرڻ جي ڪيس سب انجنيئر محمد اسلم گاڏهي، مستري عبدالواحد ڪوسو، بيلدار الله بخش سوڍر مٿان داخل ڪري تنهي جڻن کي گرفتار ڪري هٿ ڪڙيون هڻي لاڪپ ڪيو ويو سياڻي ڪرپشن جي خاتمي واري خاص عدالت ۾ ريمانڊ لاءِ پيش ڪيو ويندو اينٽي ڪرپشن ٽيم وڌيڪ جاچ ڪرڻ جو پڻ فيصلو ڪري ورتو جلد ايڪسين ۽ ايس ڊي او خلاف پڻ ڪاروائي ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 10

سولنگي سان شرع محمدي موجب نڪاح ڪري ڇڏيو آهي هاڻي منهنجا مائٽ اسان کي مارڻ چاهن ٿا جن مان اسان کي جاني خطرو آهي اسان کي تحفظ ڏياريو وڃي

بقايا سنڌيار 11

سالن کان پوءِ استادن جون پرتيون ميرٽ تي ٿيون آهن ۽ ويران اسڪول آباد ٿيڻ طرف روان دوان ٿيا آهن پر ڪامورن جي ٽڪسات جي ڪري نوان استاد پريشان بنيل آهن انڪري سنڌ ڪلچرل فورم ، سنڌ حڪومت خاص طور سنڌ جي تعليم کاتي جي وزير ۽ سيڪريٽري تعليم کان پرزور لفظن ۾ مطالبو ڪري ٿو ته نون ڀرتي ٿيل استادن جي پگهارن جي سلسلي ۾ ڪاموري هٽ ڪندڙن جو نوٽيس وٺندي استادن جي پگهارن سميت سندن ٻيا لاڳاپيل مسئلا حل ڪيا وڃن،ته جيئن هي نوجوان ۽ محنتي استاد بنا ڪنهن ذهني مونجهاري ۽ پريشانيءَ جي پنهنجو تدريسي عمل ذهني آسودگيءَ سان جاري ۽ ساري رکي سگهن

بقايا سنڌيار 12

روڊ سان قائم پيٽرول پمپن تي بيهاري ڇڏيون ڪوهيڙي سبب ٿڌ ۾ پڻ تمام گهڻو اضافو ٿي ويو آهي جنهن ڪري رهواسي گهرن تائين محدود ٿي ويا آهن. ٿڌ سبب گرم ڪاڏن توڙي چانهه، سوپ ۽ ٻين شين جي وڪري ۾ اضافو ٿي ويو آهي، ٿڌ سبب گرم ڪپڙن جو وڪرو توڙي واهپو به وڌي ويو آهي عام ماڻهن جي لنڊا بازارن تي رش لڳل آهي جڏهن ته ڪوهيڙو شام تائين جاري رهيو.

بقايا سنڌيار 13

نموني گم ٿي ويو سندس وارث سخت پريشان ان سلسلي ۾ گم ٿيل نوجوان جي وارثن جو چوڻ هو ته اسان جو نوجوان پورهيو ڪندو هو گذريل ڏينهن کان پرسرار نموني گم آهي هرهنڌ گولا ڪرڻ باوجود ڪو به ڏس پتو نه پئجي سگهيو نه ئي اسان جي ڪنهن سان دشمني آهي جامشورو ٿاڻي تي گمشدگي جي رپورٽ داخل ڪرائي آهي ان لاءِ گولا ۾ مدد ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 14

موقعي تي ٽينٽ سٽي ۾ رهندڙ ماڻهن طرفان ٻڌايو ويو ته اسانجا علائقا هن وقت تائين پاڻي هيٺ آهن ۽ ان ٿهرجهڙي سرديءَ ۾ بغير ڪنهن اجهي آسري معصوم ٻارن سميت ڪيڏانهن وڃون؟ هنن اڳواڻن اڳيان داهيندي ٻڌايو ته ڊي سي جي ٽينٽ سٽي خالي ڪرڻ جي اعلان بعد انتظاميا طرفان صبح جو ناشتو ۽ پيئڻ جو پاڻي بند ڪيو ويو آهي ۽ چيو ويو آهي ته هاڻي جلد ماني به بند ڪئي ويندي ٽينٽ سٽي ۾ رهندڙ برسات متاثرن سنڌ حڪومت کان گهر ڪئي ته اسانجا گهر ۽ ڳوٺ مڪمل طور تباهه ٿي چڪا آهن ۽ ان صورتحال ۾ اسانجي واپسي ناممڪن آهي ان لاءِ اسانکي ڪراچيءَ ۾ مستقل رهائش لاءِ پلاٽ ڏئي اسانکي گهر نهرائي ڏنا وڃن هنن وڌيڪ چيو ته اسين ٽينٽ سٽي خالي نه ڪنداسين ۽ اگر اسان مٿان طاقت جو استعمال ڪيو ويو ته اسين سخت احتجاج ڪنداسين هنن سول سوسائٽي، قومپرست تنظيمن ۽ صحافي دوستن کي اپيل ڪئي ته اسانجو جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ اسانجو ساٿ ڏين ان موقعي تي دوري ڪندڙ اڳواڻن هر طرح جي اخلاقي مدد ڪرڻ جي يقين ڏهاني پڻ ڪرائي.

بقايا سنڌيار 15

اسٽاپ وٽ چور ۽ پاڳيا آمهون سامهون ٿي پيا ته فائرنگ جو سلسلو شروع ٿي ويو. جنهن ۾ هڪ پاڳيو منير احمد ڪلوڙ سخت زخمي ٿي پيو ۽ فائرنگ ۾ هڪ چور پڻ مارجي ويو واقعي بعد سرحد، عادلپور ۽ گهوٽڪي پوليس واقعي واري هنڌ پهتي جنهن زخمي پاڳي منير ڪلوڙ ۽ فوتي چور جو لاش ڪٽائي سول اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو جتي زخمي جي حالت گمڀير ڄاڻائي وڃي ٿي جتي هن کي ڪيس سکر نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي هو فوت ٿي ويو واقعي بعد ڪلوڙ برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ گهوٽڪي جي قومي شاهراهه تي پهچي لاش رکي ڌرڻو هنيو ۽ جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو جنهن بعد ڊي ايس پي گهوٽڪي حافظ عبدالقادر چاچڙ جي اڳواڻي ۾ پوليس پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪيون جنهن بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو. هوڏانهن مارجي ويل چور جي سڃاڻپ ڳڙهي آدم ميرائي واسي محمد زمان ميرائي طور ٿي، جنهن جو لاش گهوٽڪي سول اسپتال ۾ پيل رهيو، سندس وارثن مان لاش کڻڻ ڪو به نه آيو، خبر فائيل ڪرڻ تائين واقعي جو ڪو ڪيس وغيره داخل نه ٿي سگهيو ۽ نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي

بقايا سنڌيار 16

سنڌي ادبي سنگت شاخ ٺٽو جي فقير اڪرم جي صدارت ۾ ٺٽي ۾ ٿيل اجلاس ۾ قلمڪارن ڪيو. اجلاس ۾ سنڌي هولي جي مهان شاعر شيخ اياز جي ورسيءَ جي موقعي تي ڪيس پرپور پيٽا ڪندي فاتح خواني به ڪئي ويئي، جنهن بعد سنڌي ادبي سنگت شاخ ٺٽو جي سال 2023ع لاءِ نوان عهديدار چونڊ ڪميٽيءَ جي نگرانيءَ ۾ چونڊيا ويا، جن ۾ سيڪريٽري سيد انور علي شاهه، جوائنٽ سيڪريٽري فقير غلام حسين گڳدام خاصخيلي، ڪائونسلر عزيز ڪينجهرائي، آبيٽر احسان هاليپوٽو ۽ خزانچي وفا صلاح الدين بروهي کي چونڊڻ سان گڏ ڪاروباري ڪميٽي لاءِ محترمه عزيزه حنا عباسي، لعل بخش ڪاتيار، انور آرزو ميمڻ ۽ غلام نبي مگسي کي چونڊيو ويو.s30

بقايا سنڌيار 17

سردار عبدالرحيم ايم پي اي مند ڪمار گوڪلائي فنڪشنل ليگ سنڌ جي نائب صدر سيد غضنفر علي شاهه سان فنڪشنل ليگ هائوس تي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه جگديش آهوجا روشن علي ٻرڙو ۽ خواجه نويد اهم ملاقات ڪئي ملاقات ۾ سنڌ جي مجموعي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ۽ سنڌ جي حقن لاءِ گڏيل جدوجهد تي اتفاق ڪيو ويو اڳواڻن سنڌ کي ورهائڻ لاءِ جوڙيل وفاقي ڪميٽي کي رد ڪندي چيو ته سنڌ کي زرداري ليگ پاران ورهائڻ واري سازش کي ڪنهن به صورت ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سنڌ تي مڙهيل ڪرپٽ حڪمران جماعت مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ عوام زرداري ليگ مخالف اتحاد جو ساٿ ڏي سنڌ جو عوام هيل تائين برسات ۽ ٻوڏ جي پاڻي ۾ ٻڏل آهي اربين روپين جي ملڪي توڙي غير ملڪي امداد ڪرپٽ حڪمرانن هڙپ ڪري ڇڏي آهي ۽ عوام سخت سرديءَ جي موسم ۾ کليل آسمان هيٺان بڪ اڃ تي ويٺل آهي اڳواڻن سنڌ ۾ امن امان جي خراب صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو هنن چيو ته وقت اچي ويو آهي ته عوام زرداري ليگ مان ڇوٽڪارو حاصل ڪن

بقايا سنڌيار 18

جووا جو اڏو بند ڪرائڻ جو مطالبو تفصيل موجب پنوعاقل بشيرآباد محلي ۾ برائيٽ ڪيرئير اسڪول جي سامهون بااثر غفارچاچڙ جي سرپرستي هيٺ جووا آڪڙا پرچي جو دڪان سري عام ڪليل پوليس بااثر غفار چاچڙ جي سامهون بيوس مجبور بڻيل شهر جا مارونڙا ڪک پتي مان لک پتي ٿيڻ جي چڪر ۾ گهر جا سامان ۽ روزاني ڪمائي به جووا آڪڙا پرچي وارن جي حوالي ڪري ڪنگال بڻجڻ لڳا، سٽي پوليس اڪين تي پٽي ڪنن ۾ ڀنجو وجهي ڪجهه ٻڌڻ لاءِ تيار ناهين جڏهن ته ايس ايڇ او سٽي کي واٽس ايپ ڪري انفارم ڪرڻ باوجود جوواري خلاف ڪنين به قسم جو ڪو به ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهين، شهر جي سماجي سياسي شخصيتن ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته جووا جو اڏو بند ڪرائي ملوث پوليس ۽ جوواري خلاف قانوني ڪاروائي ڪري عوام جا گهر لٽجڻ کان بچايا وڃن

بقايا سنڌيار 19

ٻين تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي ان موقعي هنن چيو ته صحافي دين محمد ڪلهوڙو هڪ بهترين صحافي هيو هن هميشه صحافين جي حقن لاءِ آواز اٿاريو هنن وڌيڪ چيو ته سردار دين محمد ڪلهوڙي جي وڇوڙي تي دلي صدمو پهتو آهي سندس وارثن سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيو

بقايا سنڌيار 20

پاران پڻ احتجاجي ڌرڻي جو چتاءُ. ان موقعي تي اختر شيخ، شوڪت مگٺهار ۽ ٻين ٽائون ملازمن چيو ته اسان غريب ملازمن کي ڪم ڪرڻ باوجود راشي ٽائون آفيسر يوسف شيخ وقت سر پگهارون ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، جنهن سبب ڦاڪاڪشي جو شڪار ٿي ويا آهيون، هر ماهه پوٽا به ڪروڙ رپيا بجيٽ هئڻ باوجود روزانو پابندي سان ڊيوٽي ڪرڻ بعد به اسان کي اڌوري پگهار ڏني ويندي آهي جنهن مان پڻ چار کان پنج هزار ڪٽوتي ڪري وڏو ظلم ڪيو پيو وڃي، بار بار شڪايتن ۽ احتجاجن باوجود ڪير نه تدارڪ ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، هنن چيف جسٽس آف سنڌ هاءِ ڪورٽ کان پرزور مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڪرپٽ ٽائون آفيسر يوسف شيخ خلاف ڪاروائي ڪري اسان غريب ملازمن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 21

تعلقه رتوديرو سٽي نئون ديرو ۽ مختلف يوسيز مان گهڻي تعداد ۾ جيالن شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي ضلع لاڙڪاڻي جو صدر ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو تعلقه ۽ سٽي سميت يوسيز کي هدايت ڪئي ته 27 ڊسمبر تي شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي جي ڏينهن وزير خارجه چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو جلسي ۾ ڀرپور شرڪت ڪرڻي آ ۽ پنهنجي علائقي جي جيالن کي جلسه گاهه پهچائڻو آهي ان جي لاءِ فري شٽل سروس جو اهتمام ڪرڻو هوندو آهي ان جو اهو به چوڻ هو ته ورسي تي ضلعي لاڙڪاڻو ميزباني جي خدمات سرانجام ڏيندو جنهن کي لاڙڪاڻو نئون ديرو ۽ رتوديرو جي طرفان مزار جي ايندڙ ويندڙ رستن تي پارٽي جهنڊا ۽ پارٽي اڳواڻن سميت قائدين جي قدر آور پينافليڪس لڳائي رستن کي ڪنوارجيان سجائڻو آهي ۽ ٻاهران کان اچڻ وارن ڪارڪنن جي لاءِ استقباليه ڪيمپ لڳائڻ جو بندوبست ڪرڻو آهي ميٽنگ ۾ ضلعي لاڙڪاڻي جي سينيئر نائب صدر نثار محمد مراد ڀٽو جنرل سيڪريٽري اعجاز احمد لغاري ،منصور علي سومرو،تعلقه رتوديرو صدر لالا نظر محمد پناڻ پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي نئون ديرو جو صدر سيد ارشد علي شاهه راشدي جنرل سيڪريٽري محمد انور ٻرڙو انفارميشن سيڪريٽري سرفراز احمد ميرائي،يوسي پير بخش ڀٽو جي صدر طالب حسين جروار،انفارميشن سيڪريٽري مظفر علي ڪٽياڻ،منصور علي ڀٽو،مدثر علي دانش ڀٽو،شاهد علي جروار،وسيم جروار،نواب خان جروار،يوسي ڳڙهي خدا بخش ڀٽو جو صدر اظهر نعمت الله ناريجو،انفارميشن سيڪريٽري غلام عباس چانڊيو،يوٿ تعلقه رتوديرو جي صدر محمد حليم ناريجو، سپاف نئون ديرو جو صدر محمد ياسين ڪوريجو سينيئر نائب صدر عاقب خان سمون، سجاد حسين چانڊيو يوٿ نئون ديرو جو صدر خالد ڪريم مگريو ۽ ٻين جيالن ورڪرن ڀرپور نموني شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 22

جي اڳوائي محمد اسلم امين آرائين، محمد اسحاق ڪورائي، بدرالدين ميمڻ، قادر بخش ڪورائي، خان ڏاهري، سجاد مستوئي، خادم حسين ڪوسو، عرفان عباسي، ڊاڪٽر ممتاز علي ميمڻ، خادم ٻالادي، اسلم ڪوريجو، شاهنواز ميمڻ، محمد اسحاق ڪورائي، فقير نثار احمد ميمڻ، برڪت چنو، شمس الدين سرهيو، غلام فريد ڪلهوڙو، راجا جي ايم ڪورائي، محمود اعوان، جنيد راجپوت، غلام رسول ملڪ، محرم دل ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا، مورو ۾ بدامني وڌي وئي آهي ڌوهن تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو آهي مورو ۾ قرن ۽ چورين جي وارداتن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي ۽ ڏينهن ڏٺي جو هٿيارن جي زور تي دوڪاندارن کان قورو قرون ڪري فرار ٿي وڃن ٿا پر مورو پوليس امن امان بحال ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي، هنن مطالبو ڪيو آهي ته مورو سميت ضلعي نوشهروفيروز ۾ امن امان بحال ڪرايو وڃي ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز هڪ سمورن ٿاڻن جا ڊي ايس پيز، ايس ايڇ اوز کي هٽائي فرض شناس آفيسر مقرر ڪري عوام کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي بي صورت احتجاج امن امان بحال نه ٿيڻ تائين جاري رهندو

بقايا سنڌيار 23

بخش ٽالپر آهوري جي صدر مشتاق هوٽ يوسي باڪر جي صدر اسحاق انڙ يوٿ نئون ڪوٽ صدر مدثر قائم خاني ڪائونسلر عظيم چانڊيو فتح خان جسڪاڻي ورڪرن فهيم بجير رضا ڪوسو ڦوٽو ربياري قادر ڪنير سميت سوين ڪارڪنن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ شهيد راڻي جي 15 ورسي جي سلسلي رٿابندي ڪئي ويئي پ پ تعلقي جهڏو جي انفارميشن سيڪريٽري جي پريس پڌرائي موجب ورسي ۾ شرڪت لاءِ نئون ڪوٽ مان قافلا پ پ سٽي صدر جي رهائش گاهه تان نڪرنداسين جيڪي ميرپورخاص پ پ ضلع صدر ايم اين اي مير منور ٽالپر جي قيادت ۾ ڳڙهي خدا بخش پهچي شهيد راڻي کي پيٽا پيش ڪندا

بقايا سنڌيار 24

ڊيوٽي تي وڃي رهيو هئو ته نامعلوم ڊمپر جي ٽڪر ۾ زخمي ٿي پيو جتان ڪيس اسپتال نيو پئي ويو ته هوءُ رستي ۾ ئي زخمن جا تعاب سهندي فوت ٿي ويو جنهن جو مڙهه ٺاروشاهه پرسان ڳوٺ پهچڻ تي سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي آهي.س13

بقايا سنڌيار 25

علي شاهه جي هدايتن تحت هي سروس بدين ۾ ڏني پئي وڃي هن چيو ته سنڌ ۾ هيستائين 217 جديد ايمبولينسون صحت کاتي کي ڏنيون ويون آهن هن چيو ته هي ايمبولينسون روڊ حادثن ۽ ٻهراڙي جي پري علائقن کان شهر جي وڏي اسپتال ۾ مريض کي پهچائڻ ۾ مدد ملندي هن چيو ته هي ايمبولينسون صرف ايمرجنسي مريضن لاءِ استعمال ٿينديون فوت ٿيل مريض کڻڻ لاءِ هي ايمبولينس نه آهن هن چيو ته هي مفت ايمبولينس سروس بنا ڪنهن فرق جي هر عام ۽ خاص ماڻهن لاءِ آهي هن چيو ته تمام جلد ريسڪيو 1122 جا پوائنٽ هر 50 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي ٺاهيا ويندا ته جيئن ايمرجنسي ۾ مريض تائين وقت سر پهچي سگهجي هن چيو ته هر ايمبولينس ۾ زندگي بچائڻ واريون دوائون ۽ ڊاڪٽر پڻ موجود هوندو ايمبولينس ۾ تربيت يافته عملو موجود آهي هي عملو پنجاب مان ٽريننگ حاصل ڪري آيو آهي 107 جوان ٽريننگ ڪري پاس آئوٽ ڪري آيا آهن ۽ 315 اجان وڌيڪ ٽريننگ ڪري رهيا آهن جيڪي به تمام جلد ٽريننگ حاصل ڪري سنڌ جي مختلف علائقن ۾ پنهنجا فرائض سرانجام ڏيندا هي جوان پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪندي ٻئي جي جان بچائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندا افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان چيو ته ضلعي بدين کي ريسڪيو 1122 جي ضرورت هئي اسان صوبائي صلاحڪار جا شڪر گذار آهيون جنهن برساتن ۽ ٻوڏ ۾ عوام جي ڀرپور مدد ڪئي ۽ هاڻ ايمبولينسون ڏنيون آهن هن بدين جي عوام طرفان صوبائي صلاحڪار کان مطالبو پڻ ڪيو ته پراڻي سول اسپتال ۾ آئي سي يو ۽ 24 ڪلاڪ ايمرجنسي سروس شروع ڪئي وڃي ۽ موجوده انڊس اسپتال کي اجان به وڌيڪ اپ گريڊ ڪيو وڃي ته جيئن هتان جا مريض حيدرآباد يا ڪراچي رفر نه ٿين تقريب کي بريفنگ ڏيندي ريسڪيو 1122 جي عملدار سنيل دت ٻڌايو ته ايمبولينس جو ايمرجنسي نمبر 1122 تاريخ 29 ڊسمبر بروز خميس کان بدين ۾ باقائده فنڪشنل ٿي ويندو ڪنهن به ايمرجنسي جي صورت ۾ رابطو ڪري سگهجي ٿو تقريب ۾ ايم پي اي مير بخش ٽالپر حاجي رمضان چانڊيو اڳوڻو ايم پي اي محمد نواز چانڊيو ڊي ايڇ او ڊاڪٽر شير محمد نوهڙيو ڊائريڪٽر ايس آر پي عابد جلال دين شيخ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ايس آر پي غلام اصغر ايڇ او ڊي تيلي لطف علي منگريو جنرل مينيجر ايس آئي اي ايڇ ايس شيخ نادر حسين اسسٽنٽ ڪمشنر بدين ماجد الطاف انفارمشن آفيسر سرفراز سمون پ پ پ اڳواڻ عبدالواحد هاليپوٽو ريسڪيو 1122 بدين جو انچارج بختيار عظيم سومرو ۽ ٻيا آفيسر سياسي ۽ سماجي اڳواڻن ۽ ميڊيا جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 26

ايم ڪيو ايم اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار، پاڪستان تحريڪ انصاف اڳواڻ عالمگيرخان، مسلم ليگ نون اڳواڻ سردار شعيب، طحه شيخ شهيد جا وارث، اينڪر عديل خان، اينڪر سيديقي سرور ۽ ٻين شرڪت ڪري پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا، پروگرام ۾ آيل مهمانن کي سيده انعمتا ذوالفقار ۽ اردو سخن جي ٽيم پلي ڪار ڪيو، پروگرام جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي، پروگرام ۾ آيل مهمانن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ اسان ڪامياب پاڪستان فاؤنڊيشن ۽ اردو سخن ٽيم جي طرفان شعروشاعر جو پروگرام منعقد ڪيو ويو هو اسان کي هتي اچي تمام سٺو محسوس پيو ٿئي، ڪراچي ۾ اهڙا پروگرام ٿيڻ گهرجن، اڄ جي پروگرام ۾ نوجوان، عورتن ۽ ننڍڙن ٻارن سان گڏ بزرگن جي وڏي تعداد شرڪت ڪري پروگرام کي ڪامياب بڻايو آهي، اسان سيده انعمتا ذوالفقار ۽ اردو سخن جي سموري سٽ کي ڪامياب پروگرام ڪرڻ تي مبارڪون پيش ڪجن ٿيون

بقايا سنڌيار 27

اسپتال ۾ پيل آهي جڏهن ته هڪ چور زخمي ٿيڻ جا اطلاع آهن هوڏانهن . هڪ پاڳيو منير ڪلوڙ سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال گهوٽڪي علاج لاءِ آندو ويو زخمي منير ڪلوڙ کي طبي امداد بعد سکر ريفر ڪيو ويو جيڪو زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي ويو جنهن جولاش ايمبولنس زريعي ڳوٺ احمد ڪلوڙ آندو پيو وڃي هوڏانهن اهڙي خبر پوڻ بعدع سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو هوڏانهن گهوٽڪي سرحد عادلپور پوليس واقعي واري هنڌ پهتي علائقي کي ڪڙو چاڙهي ڏنوس12

بقايا سنڌيار 28

ڪاروائي ڪري روزانا جي بنياد تي رپورٽ ڏني وڃي هن چيو ته سرڪاري اگهه کان وڌيڪ اگهه تي وڪرو ڪندڙ پيسٽيسائيڊ ڊيلرن سان ڪابه رعايت نه ڪئي ويندي اهڙن پيسٽيسائيڊ ڊيلرن جا دڪان سيل ڪيا ويندا جيڪي سرڪاري اگهه کان وڌيڪ اگر وٺن ٿا هن چيو ته گهڻي برساتن ۽ ٻوڏ سبب آبادگار اڳي پريشان آهن مٿان وري وڌيڪ اگهه وٺندڙ پيسٽيسائيڊ انهن آبادگارن کي وڌيڪ پريشان ڪري ڇڏيو آهي گڏجاڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان مهانگو اٽو جي وڪري جو پڻ نوٽيس ورتو ۽ چڪي مالڪان جي ڪوٽا وڌائڻ لاءِ پڻ خوراڪ کاتي کي خط لکڻ جون هدايتون جاري ڪيون آهن گڏجاڻي ۾ سمورا اسسٽنٽ ڪمشنرز آبادگار ۽ لاڳاپيل کاتن جا آفيسر پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 29

راڻي جون عوام لاءِ وڏيون قربانيون آهن ملڪ جو عوام اڄ به شهيد محترمه سان محبت ڪري ٿو شهيد راڻي کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ ڪيس اڳوڻي صوبائي صلاحڪار پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينئر اڳواڻ سردار محمد اسماعيل ڏاهري پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي تعلقي قاضي احمد جي جنرل سيڪريٽري سردار علي رضا ڏاهري جي قيادت ۾ دولت پور مان قافلا نڪرندا اهڙو اظهار پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻ حاجي غلام نبي ٻگهيو ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته 27 ڊسمبر تي وڏي انگ ۾ پارٽي ڪارڪن توڙي اڳواڻ ڳڙهي خدابخش ڀٽو پهچندا جتي غريب مسڪين مارونڙن جي ليڊر شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي مزار حاضري ڀريندا

بقايا سنڌيار 30

مورو اعزازي مهمان اشفاق احمد تگڙ يونس راڄپر ساگر يوسف منگي جبار ملاح سبحان سوزجتوئي فدا حسين مري غلام حسن ڪلهوڙوعبدالمجيد ڪيريو سنڌي ادبي سنگت شاخ پريا صوفي خالد جسقم اڳواڻ اسد عمراڻي مير حسن مهر سيڪريٽر سنڌي ادبي سنگت شاخ ٻچل مهرجاڻي قسم ٻگهيو پريسڪلب شاهپور جهانياءِ وحيد علي ڏاهري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سرمند سنڌي قومي فنڪار سان گڏ عوامي ڪلاڪار هو جنهن پنهنجي مڌر سر سان عوام ۾ قومي سجاڳي آندي سندس آواز ۾ ايڊو سرور هيو جو هر هنڌ جهرجهنگ ٻڌا ويندا هيا سندس نالو رحمان مغل هيو جنهن جو نالو سائين جي ايم سيد هن جو نالو سرمند رکيو سندس ڪي پوءِ ماڻهو سرمند جي نالي سان سڃاڻ لڳا پاڻ اسان وٽ موجود نه آهن پر سندس آواز سنڌي عوام جي دلين ۾ قيامت تڪ ياد رهندو اهڙن قومي هيرن کي ياد رکڻ زنده قوم جي نشاني آهي

بقايا سنڌيار 31

جي شروعات ۾ مرحوم جي ايصال ثواب خاطر قل پڙهي مغفرت لاءِ دعا گهري وئي، صدارتي خطاب ڪندي گلزار ڪلهوڙي چيو ته ، شبيرڻ پاٽائي هڪ اهل دل انسان هو، ڪيس ڌرتي ۽ ڌرتي ڌڻين سان بيحد پيار هو،هو سماجي ڪمن ۾ به اڳيرو هوندو هو وفا بهادر چانڊيي چيو ته، ادا شبيرڻ بابا ڪانپوءِ اسان کي بيحد پيار ڏنو سندس سوچ وسيع هوندي هئي. هو تمام گهڻي ڪس ڪائيندڙ هو. ڪنهن سان به ناانصافي ڪرڻ ته پري ،پر ان بابت سوچيندو به نه هو.سندس شاعري ڌرتي ۽ قوم جي امانت آهي،جنهن کي انشاء الله منظر تي آندو ويندو احمد خان ملڪاڻيءَ ڳالهائيندي چيو ته، شبيرڻ سنڌ جو سڄاڻ فرد هو. اهڙا ماڻهو ڪي ورلي پيدا ٿيندا آهن .سندس شاعريءَ ۾ قوم جو درد سمايل هو علي محمد درد چيو ته .شبيرڻ پاٽائي يار ويس انسان هو ۽ سڄي عمر محبتون ورهائيندو رهيو خطاب ڪندي نياز الاهي ابڙي چيو ته موت برحق آهي، سيني مٿان اچٽو آهي ،پر شبيرڻ جي وفات جو يقين ئي نٿو اچي،شبيرڻ سادو،سپاجهڙو ،سچو ۽ کرو انسان هو،هو دوستي رکڻ به ڄاڻندو هو ته نڀائڻ به ڄاڻندو هو ممتاز مصطفيٰ دوست چيو ته،شبيرڻ پاٽائي ادبي محفلن جي جان هوندو هو،سندس وڇوڙي سبب پيدا ٿيل خال پرڻ مشڪل آهي. سيڪريٽري سنگت عمران سومري شبيرڻ پاٽائيءَ جو شخصي خاڪو پيش ڪيو هن چيو ته شبيرڻ پاٽائي هڪ سلجهيل ، باڪردار ۽ عملي ماڻهو هو تابش بخاريءَ چيو ته شبيرڻ هڪ ته رٽاير ٿيڻ ڪانپوءِ لوازمات نه ملڻ ڪري مالي مشڪلات جو شڪار رهيو ،ٻيو ته سندس به پٽ نشي واپرائڻ ڪري ذهني معذور ٿي ويا هئا،ڪيس انهن جو به وڏو صدمو رهيو سندس زندگي وقت ۽ حالتن جي نذر ٿي وئي رجب آزاد متالو پڙهندي چيو ته ،شبيرڻ اعليٰ ظرف رکندڙ انسان هو،مون سان سندس پائيپءِ وارو رستو هو ۽ مونسان پنهنجا ذاتي مسئلا به اوريندو هو. هو سنڌ جو سچو سپاهي هو ۽ وڏو قومپرست هو، سندس شاعريءَ ۾ مزاحمت جو عنصر موجود آهي،شبيرڻ جو وڇوڙو سنڌي ادب جو وڏو سانحو آهي ان موقعي تي،اميد سنڌي، عاشق دادود، جماعت علي چانڊيي،رجب راز پٽي،لالا ستار قريشي ۽ ٻين پڻ شبيرڻ پاٽائيءَ کي لنفظن جي پيٽا پيش ڪئي.تعزيتي ميڙاڪي ۾ سجاد يوسف ، مير منظور، اعظم چٽڪي، راجا رفيق پنهور جاويد سنڌي، صحافي علي گل چنه صحافي سخي سردار، شعبان اختر،سجاد سولنگي، غفار ڪلهوڙي، مسعود شيخ،سرفراز سولنگي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. سيڪريٽري ادبي سنگت عمران سومري قرارداد پيش ڪندي سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته سنڌ ۾ منشيات جو ڪاروبار بند ڪرايو وڃي،جنهن سبب نوجوان نسل تباهه ٿي رهيو آهي.اها قرارداد بڪراءِ منظور ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 32

چانڊيو غلام مصطفا ابڙو علي ڏنو ڪانڌڙو پنجيل ڪانڌڙو حماد الله ڪانڌڙو ۽ ٻين شرڪت ڪئي جنهن ۾ محترما شهيد بينظير ڀٽو جي ورسي لاءِ تياري لاءِ اڻٿڪ عمل ۽ شرڪت کي يقيني بنائڻ ۽ استقباليه ڪئمپ هڻڻ ۽ شهيد راڻي جي ورسي ۾ هڪ سو گاڏين ۾ عوام کي ڪٺي شرڪت ڪرائڻ لازمي آهي سوشل سماجي ۽ يوسي ڪولاب جيئل پيپلز پارٽي جي اڳواڻ صدورو خان ابڙو وڌيڪ چيو ت اسان انسانيت ناتي يوسي ڪولاب جيئل جي عوام جي ڀرپور خدمت ڪئي آهي جنهن ۾ ڪيترن برسات متاثرين کي راشن ٽينٽ مڇر دانيون سردي کان بچاءَ لاءِ گرم ڪپڙا ڪمبل ڏنا آهن اڳتي ب اسان بنا فرق مت پيٽ جي خدمت ڪندا سون جڏهن ت پيپلز پارٽي سان وابسطا ڪيترن عهديدارن شڪوه شڪايتون ڪيون جن کي بهترين نموني حل ڪري سينين گڏجي هلڻ تي فيصلو ڪيو آخر ۾ دعا خير گهري وئي

بقايا سنڌيار 33

طور ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو کي شامل ڪرڻ واري ام رباب جي درخواست تي ٻڌڻي 29 ڊسمبر تائين ملتوي ڪئي وئي.الزام هيٺ آيل ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو عدالت ۾ پيش نه ٿيو سندس پاءِ درخواست داخل ڪرائيندي ڄاڻايو ته پاءِ بيمار آهي ۽ ان جي اکين جو آپريشن هجڻ سبب هو عدالت ۾ نه اچي سگهيو. تاريخ ڏني وڃي ته جئين هو وڪيل سان گڏ پهچي پنهنجو جواب داخل ڪرائي سگهي ان موقعي تي عدالت جي احاطي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ام رباب چانڊيو چيو ته جاگيردارن جا ڪمدار پوليس آفيسر ماڻهن کي مارائن ٿا هن جي پنهنجي کاتي انڪوائري ڪئي جنهن ۾ پڻ ثابت ٿيو هو ته ايس ايڇ او جي ذاتي گاڏي آهي اها جوابدارن جي سهولت ۾ استعمال ٿي آهي ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو کي سردار چانڊيو جي چوڻ تي فريد آباد ٿاڻي تي رکيو ويو هو جنهن جا ثبوت عدالت ۾ پيش ڪيا آهن هاڻي ايس ايڇ او پنهنجن آقائن سردارن وانگر پڇي پئي ٿو ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو ڪيس جي مک جوابدار ذوالفقار چانڊيو جيڪو ٽي سال قانون کان فرار هو ان سان 60 منٽن تائين جوابدار سان فون تي ڳالهايو اٿس جنهن جا ثبوت عدالت ۾ پيش ڪيا آهن جيڪو جوابدار پوليس کي گهربل هو ۽ انعامي يافته هيو ان سان ايس ايڇ او فون تي ڳالهائڻ ثابت ڪري ٿو ته هو به جوابدارن جي ڌر آهي آئي جي سنڌ کي به گذارش ڪندس ته اهڙن آفيسرن تي نظر ثاني ڪئي وڃي جيڪي ڊپارٽمينٽ کي لڄائين ٿا عدالتن کي به اپيل ڪندس ته جوابدارن کي سخت سزائون ڏنيون وڃن ته جيئن اڳتي ڪنهن ٻئي جا گهر تباهه نه ٿين پوئي تاريخ تي ايس ايڇ او ڪريم چانڊيو پنهنجي مرضي سان اڄوڪي تاريخ ورتي هئي ۽ چيو هو ته هو پنهنجي وڪيل گڏ اچي جواب داخل ڪرائيندو مان واضع پيغام ڏيڻ چاهيان ٿي جيڪي سردارن جي ڪمعداري ڪن ٿا چاهي اهي ڪهڙي به کاتي ۾ هجن انهن جو انجام تمام برو ٿيندو اسان کي عدالتن تي يقين آهي انصاف ضرور ملندو ۽ قاتلن ڦاهي تي چڙهندا.